ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ

شاه جي ڪلام ۾ رنگن جو مقصد

تصوف ۾ رنگن جي اهميت جو خاص مقصد هوندو آهي ۽ اهو مقصد ڪٿي ظاهريت سان واسطو رکي ٿو ۽ ڪٿي وري باطني لحاظ کان اهميت رکي ٿو. ”نقشبندي طريقي ۾ لطائف جو ڪلڻ“ سلوڪ لاءِ ضروري آهي. انهن ۾ هڪ وجداني ڪيفيت ۽ قلبي لذت آهي،“ ، جهڙا نور جي رنگن رستي اسانجي لطيفن تي ٿئي ٿي. جيئن ته لطائف مان قلبي لذت محسوس ٿئي ٿي، تنهن ڪري انهن جو بيان ڪري نٿو سگهجي ۽ انهن کي رڳو سالڪ محسوس ڪري سگهي ٿو. تنهنڪري هر سالڪ جنهن انهن لطيفن جي لذت کي محسوس ڪيو آهي، تنهن پنهنجي پنهنجي طريقي ذڪر ۽ مجاهدي جي لحاظ کان محسوس ڪيو ۽ ان جو بيان ڪيو آهي. ڪنهن به لطائف جي جاءِ ۽ اثر جي لاءِ اختلاف ظاهر نه ڪيو آهي، ليڪن انهن لطائف جي نور جي روشني جي رنگن ۾ ٿوري تبديلي ضرور محسوس ڪئي آهي، ۽ وري به آهي هي ساڳيا رنگ محسوس ڪيا آهن. انهن ڇهن رنگن کان وڌيڪ رنگ يا انهن ڇهن رنگن کان سواءِ ڪي بدليل رنگ بيان نه ڪيا آهن. جنهن مان ظاهر آهي ته لطائف جي نور جا رنگ جيڪي سالڪن کي مشاهدي ۾ اچن ٿا، سي ڪن حالتن ۾ بدليل نظر اچن ٿا،

پر حقيقت ۾ اهي ئي ڇهه رنگ آهن ، جيڪي سالڪن کي مشاهدي ۾ نظر اچن ٿا.

جيئن انساني نظر کي اونداهي ۾ ٻاهر روشني جي ضرورت هوندي آهي ته جيئن هر شي کي چٽو ڏسي سگهي ۽ انهن جي خوبصورتي مان لطف وٺي، خوشي حاصل ڪري ، تيئن روحاني خوشيءَ لاءِ به سالڪ کي اندر جي روشني جي ضرورت هوندي آهي ته جيئن هو پنهنجي حقيقت سڃاڻي ۽ انهن جي جمال مان خوشي ۽ لذت حاصل ڪري سگهي. ٻاهر جي روشني به جيئن ته اندر جي روشني جي ڪري آهي ، جيڪا خدا ڪان انسان کي ملي ٿي يعني اکين جي روشني به اندر جي روشني ڪري قائم آهي، پر انهن ۾ اها قوت نه هوندي آهي ، جو هو پنهنجي اندر ۾ الله جي نور کي سڃاڻي سگهي ۽ اها قوت انسان کي پنهنجي ظاهري نظر ۾ پيدا ڪرڻي هوندي آهي ته جيئن هو انهيءَ روشني کي سڃاڻي سگهي ، جيڪا اکين جي روشني جي رستي ٻاهرين شين کي ڏسي ٿي. جڏهن انسان پنهنجي اکين جي نظر ۾ اها قوت پيدا ڪري ٿو، جيڪا هن جي اندر ۾ نور جي روشني کي ڏسي سگهي ٿي ته پوءِ سالڪ پنهنجو تعلق اندر جي نور جي روشني سان قائم ڪري انهي نور حقيقي جي روشنيءَ کي ڏسي سگهي ٿو، جيڪا هن جو اصل آهي جيڪا هن جي حقيقت آهي جنهن جي وسيلي هن جي تخليق ٿي آهي.

مولانا رومي چوي ٿو ته روحاني طريقي لاءِ انسان کي اندر جي روشنيءَ جي ضرورت هوندي آهي ۽ اندر جي روشني وري خدا جي طرفان ملي ٿي ۽ انهي اندر جي روشني جي ڪري ئي اکين جي روشني قائم آهي جيئن چوي ٿو ته:

نسبت دید رنگ بے نور بیرونٔ
هم چنین رنگ خیال اندرون

(يعني رنگن جو ڏسڻ ٻهرئين روشني کان سواء نٿو ٿئي اهوئي حال اندر جي روشني جو آهي)
وري چوي ٿو!

این برون از آفتاب و از سماست،
وان درون از عکس انوار علامت.

(هيءَ ٻاهرين روشني سج ۽ دنيا جي ڪري آهي هوءَ باطني روشني عالم بالا جو عڪس آهي.)

اهو علم بالا جو عڪس دل تي پوي ٿو، جيڪو وري ٻاهرين روشني پيدا ڪري ٿو، جنهن جي مدد سان انسان اکين سان ڏسي سگهي ٿو. در حقيقت اهو نور دلين جو نور آهي جيڪو انسان جي بينائي ۾ روشني پيدا ڪري ٿو جنهن جي مدد سان انسان ٻهرين روشني کي ڏسي سگهي ٿو، اهڙيءَ ريت بينائي جو نور دل جو نور هوندو آهي ۽ دل جو نور عالم بالا جي نور جي ڪري هوندو آهي جنهن لاء رومي چوي ٿو:

نور نور چشم خود نور دل ست
نور چشم از نور دلها حاصل ست

وڌيڪ چوي ٿو ته دل جي بصيرت جو نور خدا جو نور آهي جيڪو عقل ۽ حس جي نور کان پاڪ ۽ جدا آهي اهڙيءَ ريت خدا جي نور جي ڪري عالم بالا جو نور قائم آهي:

باز نور نور دل نور خداست
کوز نور عقل و حس پاک و جدا ست

جھين شاھ صاحب ھن بيت ۾ چيو آھي تہ :

ڪاري رات اڇو ڏينھن ، ايءُ صفتاً نور .

جتي پرينءَ حضور تتي رنگ نہ روپ ڪو.

بيڪس انھي مقصد کي وري ھن ريت ٿو پيش ڪري تہ :

تون جبروت لاھوت جو آھين رھبر

تون باھوت ھاھوت جو آھين سنگر

تون سلطان بيرنگ رنگن ۾ سمائين .

(ڪاھوڙي : ٣ - ١٣)

تنوير عباسي شاھ جي ھن بيت لاءِ لکيو آھي تہ ”ھن بيت ۾ شاھ لطيف ڪاريءَ رات ۽ ڪاري رنگ جو آڌر ڀاءُ ڪيو آھي. چو تہ پرينءَ جي حضور ۾ رنگ روپ جو فرق متجيو وڃي. ھيءَ تصوف جي اھا منزل آھي ، جتي ماڻھو گناھ ثواب ۽ چڱائي ۽ مدائيءَ کان مٿاھون ٿيو وڃي.“ (٢)

ھن بيت ۾ شاھ صاحب نور جي ڪاري ۽ اڇي رنگ کي رات جي ڪارڻ ۽ ڏينھن جي روشني سان ڀيٽ ڪري ظاھر ڪيو آھي. اڇو ۽ ڪارو رنگ اھي ٻئي نور جي روشنيءَ جون ۾ صفتون آھن ، جيڪي پرين وٽان ئي اچن ٿيون؛ ۾ پرين جي حضور ۾ نور جو ڪو ۾ رنگ ۽ روپ نہ آھي. اھو رنگ ۽ روپ تہ سالڪ کي لطائف جي ڪري نظر اچي ٿو. انھن لطائف جي رنگن بابت حضرت مجدد الف ثاني رحمۃ اللہ عليہ جي راءِ آھي تہ ”لطائف عالم امر جون پاڙون عرش جي مٿان آھن ۽ جسم انساني ۾ ان جون مختلف جايون آھن ، جيڪي آھن:- قلب ، روح ، سر ، خفي ۽ اخفيٰ. لطائف عالم خلق نفس آھي.“ (٣) ۽ جڏھن لطائف ذڪر ڪرڻ سان بيدار ٿين ٿا ، تڏھن مختلف رنگن جون تجليون ، ذاڪر کي نظر

اچن ٿيون." (٣) ۽ اهي رنگ جدا جدا لطائف جي ڪري نظر اچن ٿا ۽ اصل ۾ جيئن شاهه چيو آهي ته جتي ٻرين حضور آهي، اتي ڪو ٻه رنگ ۽ روپ آهي ئي ڪو نه. اهو رنگ سالڪ کي پنهنجي جسم جي جدا جدا لطيفن تي پوڻ ڪري نظر اچي ٿو. ۽ اهو سالڪ کي پنهنجي محبوب جي اڳيان درجي، محنت ۽ محبت جي لحاظ کان نظر اچي ٿو.

جئين شاهه چوي ٿو ته:

ٻـر تـوو پنهونءَ جو، سهائي سياهه،
مهه ڏيئي مون آئيو، رنگا رنگي راهه،
ٻهرين ڏيندا باهه، پوءِ رڱيندا رڱ ۾.
(ڪوهياري ٣ - ١٠)

هن بيت ۾ شاهه پنهنجي ذاتي آزمودي ۽ مشاهدي کي بيان ڪيو آهي. ۽ بيت ۾ نور جي روشني جا ساڳيائي ٻه رنگ بيان ڪيا آهن، جيڪي آهن اسهائي ۽ سياه. ساڳي ريت اڳئين بيت ۾ ٻه ڪاريءَ رات ۽ اڇي ڏينهن جو ذڪر ڪيو آهي. هن بيت ۾ شاهه چوي ٿو ته پنهون جو پرتوءَ جا ٻه رنگ آهن، هڪ سهائي ۽ سياه. ۽ اها راهه مونکي جڏهن اڳيان اچي ٿي تڏهن جدا جدا رنگن ۾ اچي ٿي. پر انهيءَ راهه جي رنگن ۾ رڱڻ کان اڳي ٻهربائين باه ۾ پچائي پختو ڪري، پوءِ انهي رنگن ۾ رڱيندا. پين لفظن ۾ ائين چئجي ته سالڪ کي جڏهن محبوب حقيقي جو ديدار نصيب ٿئي ٿو، تڏهن نور جي روشني جدا جدا رنگن ۾ هن جي اڳيان اچي ٿي، جيڪا هن کي پنهنجي محبوب حقيقي جو ديدار ڪرائي ٿي. پر اها نور جي جدا جدا رنگن واري روشني

هن تي تڏهن پهوي ٿي، جڏهن هن کي باهه ۾ پچائي ڀريائين پختو ڪهو وڃي ٿو يعني سالڪ کي اها نور جي روشني جيڪا محبوب حقيقي کان اچي ٿي سا تڏهن نظر اچي ٿي، جڏهن سخت مجاهدي ۽ ذڪر کان پوء نفس کي ماري ۽ فنا ڪري سالڪ ڪنهن منزل تي پهچي ٿو. هن بيت ۾ شاهه بلڪل واضع طور سان بيان ڪيو آهي ته محبوب حقيقي جو ديدار نور جي روشني جي رستي ٿي ٿئي ٿو ۽ نور جي روشني جيڪا ديدار ڪرائي ٿي، انهي جا ڪيترائي رنگ آهن، جيڪي گهڻي مجاهدي ۽ ذڪر کان پوء نظر اچن ٿا.

سالڪ جا لطائف جڏهن ذڪر ڪرڻ سان بيدار ٿين ٿا، تڏهن مختلف رنگن جون تجليون ذاڪر کي نظر اچن ٿيون. انهن تجلين جي رنگن بابت حضرت مجدد الف ثاني رحمة الله عليه لکيو آهي ته "قلبي لطيفي جو رنگ پيلو، روحيء جو ڳاڙهو، سريء جو اڇو، خفيء جو ڪارو ۽ اخفيٰ جو سائو آهي" (٥) ليڪن ڪن عالمن جو رنگن بابت اختلاف به آهي، جيئن حضرت خواجه محمد حسن جانسر هندي جي تحرير موجب "قلبي لطيفي جو رنگ اڇو، روحي جو پيلو ۽ سري جو ڳاڙهو ڄاڻايل آهي." (٦) اهو رنگن جو اختلاف ڇو ٿو ٿئي يا انهن رنگن جي اهميت ڇا آهي ۽ تنهن بابت حضرت حافظ محمدهاشم جان رحمة الله عليه جن جو چوڻ آهي ته "اصل مقصد لطيفن جو بيدار ٿيڻ آهي ۽ تجلين جي رنگن جو اختلاف ڪا اهميت نٿو رکي." (٧) اهو رنگن جو اختلاف هر سالڪ وٽ موجود آهي. حضرت شاهه سيد محمد ذوقي لطيفن جا رنگ وري هي بيان ڪيا آهن. "لطيفي قلبي جي نور جو رنگ سرخ آهي، لطيفي روح جي نور جو رنگ سفيد، لطيفي نفس جي نور جو رنگ زرد، لطيفي سيري

جي نور جو رنگ سائو، لطيفي خفي جي نور جو رنگ نيرو ۽ لطيفي اخفيٰ جي نور جو رنگ ڪارو آهي." (٨)

حمل فقير پنهنجي مرشد خواجه شاهه مدني محمد حسن رح جو لنواري جي گادي جو چوٿون قطب يا پير هو تنهن جي هدايت تي نقشبندي طريقي جي لطيفن جو ذڪر پنهنجي ڪلام ۾ ڪيو آهي. اهو هن ريت آهي :-

رنگ نور لطيف جا آهن جدا جدا،
نور "قلب" جو زرد آهي ۽ "روح" سندو سرخا،
"سري" جو نور سفيد آهي ۽ ڪارو خفيا،
۽ سبز نور سيني مان آهي سندو "اخفيٰ"
۽ پڇاڻا صفائي گهڻي جي نور سندو نفسا
آهي رنگ ڪسيف سو ٿئي ڪر صحيا.

جناب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جن لطيفن جي معنيٰ سمجهائيندي لکيو آهي ته "لطيفا" لفظ "لطيف" مان نڪتل بمعنيٰ باريڪ ۽ نازڪ وٿ. صوفين جي اصطلاحات ۾ لطيفه خاص معنيٰ رکي ٿو: "لطيفه" جمله "اللطائف سته" (ڇهن لطيفن) مان هڪ، نيڪ نازڪ ۽ چوندڙ وٿ آهي. جيستائين سالڪ کي اهي ڇهه لطيفا روشن نٿا ٿين، تيستائين هو ڪنهن به وڏي منزل ۽ معرفت کي حاصل نٿو ڪري سگهي. اهي ڇهه لطيفا هي آهن : "اول لطيفه نفس" جنهن جي جاءِ (انسان جي جسم ۾) دن آهي؛ ٻيو "لطيفه قلب" جنهن جي جاءِ سيني جي کٻي طرف دل آهي؛ ٽيون "لطيفه روح" جو سيني جي سڄي طرف واقع آهي؛ چوٿون "لطيفه سر" جو سيني جي وچ ۾ معده جي منهن وٽ واقع آهي؛ پنجون "لطيفه خفي" جنهن جي

جاءِ پيشاني ۾ آهي؛ ۽ ڇهون "لطيفو اخفيٰ" جنهن جي جاءِ کهپراٽي آهي." (١٠)

هو حمل فقير پنهنجي ڪلام ۾ نقشبندي طريقي جي نقطہ نظر کان ڏهن لطيفن جا نالا ڳڻيا آهن، اهي ڏهہ لطيفا هي آهن:
"پهريان پنج قلب، روح، سري، خفي ۽ اخفيٰ. باقي پنج مان هڪڙو نفس ۽ ٻيا چار عنصر يعني هوا، پاڻي، باهہ ۽ مٽي آهي. انهن مان پهرين پنجن جو تعلق لامڪانيت (عالم امر) سان آهي ۽ پين پنجن جو انسان (عالم خلق) سان تعلق آهي." (١١)

مٿين حوالن مان معلوم ٿئي ٿو تہ لطيفن تي جيڪا نور جي روشني پوي ٿي انهي جا جدا جدا رنگ آهن جيڪي ڪل ڇهہ آهن. (انهن رنگن جي جدا جدا لطيفن تي ڇوڻ تي اختلاف ضرور آهي ڇو تہ صوفين وٽ نور جي روشني پوڻ جو ڪو خاص مقصد هوندو آهي ۽ نور جي رنگن جي اختلاف سان ڪوبہ مقصد نہ آهي نڪي انهي اختلاف ڪي اهميت ڏيندا آهن.)

نور جا رنگ جيڪي لطيفن تي پون ٿا سي هي آهن:
(١) ڳاڙهو (سرخ)، (٢) ڪارو (٣)، اڇو (سفيد)، (٤) سائو، (٥) زرد (پيلو)، (٦) ڪسيف (ميرانجهڙو، مٽي وارو).

شاهہ صاحب بہ پنهنجي ڪلام ۾ انهن رنگن کان ٻاهر ٻي ڪنهن رنگ ڪي بيان نہ ڪيو آهي؛ جنهن جو ذڪر تنوير عباسي پنهنجي مقالي ۾ ڪيو آهي. سندس مقالي جو عنوان آهي "شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ رنگن جو اپياس" هي مقالو تنوير عباسي سنڌي شعبي سنڌ يونيورسٽي جي بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس ۾ پڙهيو هو.

شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ سڀني رنگن کان وڌيڪ ذڪر ڳاڙهي رنگ جو ڪيل آهي ۽ ڳاڙهي رنگ کي ڪيترن ئي نالن

سان سڏيو ويو آهي جيئن لال، رت ورنو ، ڪڪور، رينو ، رتول ، ڪنهبو، سرخ وغيره . انهيءَ جا سبب ڪيترائي ٿي سگهن ٿا جن ۾ خاص خاص هيٺ ڏجن ٿا: پهريون نور جي روشني جيڪا روح تي پوي ٿي، اها ڳاڙهي يا سرخ هوندي آهي ۽ انساني جسم ۾ روح قلب ۽ نفس جي جاءِ ۾ گڏوگڏ آهي ۽ سالڪ ڪي ذڪر يا مراقبي ۾ پورو توجه قلب تي ڏيئو پوي ٿو ، ۽ سالڪ ڪي مشاهدا به اتان ئين شروع ٿين ٿا . ٻيو ته قلب جي هڪ طرف نفس آهي ۽ ٻئي طرف روح آهي، تنهن ڪري لطيفي روحي ۽ لطيفي قلبي ۽ لطيفي نفسي، تنهي لطيفن جي نور جي روشنن ۾ گڏ پوي ٿي جيڪا هڪ ٻئي ڪي ويجهو هوندي آهي ، تيون روح جي نور جون تجليون جلدي جلدي ٿين ٿيون ، ۽ روح جو ئي پنهنجي رب سان تعلق رهي ٿو ۽ اها روح جي ترقي ئي هوندي آهي . تنهن ڪري لطفي روحي جي نور جي ڳاڙهي رنگ جي تجلين جي گهڻي هئڻ ڪري ۽ رب سان ويجهڙائي حاصل ڪرڻ ڪري ئي سالڪن روحاني ترقي لاءِ ڳاڙهي رنگ جي روشني جو گهڻو ذڪر ڪيو آهي ۽ انهيءَ رنگ ڪي ئي وڏيڪ اهميت ڏني آهي .

جيئن ته روح تي ڳاڙهي نور جي روشني محبوب حقيقي کان پوي ٿي، تنهن ڪري پنهنجي محبوب حقيقي کي لالڻ يا لالن ڪري چيو اٿس ۽ جتي سندس ساراه يا ڪانئس مدد گهري اٿس اتي به لالڻ ڪري چيو اٿس . روح تي نور جي روشني وڌيڪ پوي ٿي تنهنڪري به روح تي جيڪا تجلي ٿئي ٿي اها سالڪ ٻين لطيفن جي نور جي روشنين کان وڌيڪ محسوس ڪري ٿو ۽ ٻيو ته انهي نور جي روشني ڪري ئي سالڪ جو تعلق رب سان قائم رهي ٿو ، ۽ اهو ئي سبب آهي جو شاهه لطيف هتي نور جي تجلين جو ذڪر

وڌيڪ ڪيو آهي ۽ نور جي روشني جي رنگ جي مناسبت سان پنهنجي محبوب ڪي نالو ڏنو اٿس - جيئن شاهه چوي ٿو ته :

واتف نه ونڪار جي ، ٻاري سڄهن ٻر ،
ور وسيلا ! سورين ! ٽڪيس ذوري ٽر ،
لهج ، لعل لطيف چي ، ڪانڌ ! مي ۽ جي ڪر ،
ولهي ڪري ، ور ! مڇڻ مارڱ چڏ يين .

(سسئي آبري ٢ -٣)

ان ڪي "لالن" لڱکهايو ، ساندارو سموند جو

(سر پراڳ ٢ - ٨)

هيئين بيت ۾ شاهه لطيف انهي ساڳي مفهوم ڪي سمجهائيندي چوي ٿو ته جيسين روحاني ڳاڙهي (سرخي) نور جي روشني توهان جي نظرن ۾ نه آئي آهي تيسين تون انهي معرفت جي ماڳ کي نه پهچندين ۽ نه وري معرفت جي خوبصورتي ڏسي سگهندين ، ۽ آهو ئي سالڪ ريتي ٽيڻ جي خوبصورتي ۽ لذت حاصل ڪري سگهندو ، جهڪو پهريائين ڳاڙهي روحاني نور جي روشني اکين ۾ پيدا ڪندو .

سرمون سرخي ۽ جو ، جڏهن پاتو جن
تڏهن ڏٺي تن ، رونق ريٽي جهڙ ي .

(آسا ٣ - ٢١)

نواب ولي محمد انهي حقيقت ڪي وري هن ريت ٿو پيش ڪري :

پندرهين ڏينهن حجاب جا لاٿائون پردا .
آيا الوهيت ۾ وسري وين فردا .
پسي رنگ حيران ٿيا ، سرخ ۽ زردا .
سي ڪڏهن ڪين ورندا ، جن پيتي سرڪي سچ جي .

(ڪلام نواب ولي محمد ص ١٢٣)

۽ جڏهن سالڪ اها لالاڻي اکين ۾ آڻي ٿو ۽ ريڻي ٿڻ جي رونق محسوس ڪري ٿو، تڏهن سڄيون راتيون جاڳي ٿو، پرين جي ديدار لاءِ واجهائي ٿو، ٻين لفظن ۾ روحاني نور جي ڳاڙهي روشني اچڻ کان اڳي ڪوبه سالڪ پنهنجي معرفت (روحاني ترقي) حاصل نٿو ڪري سگهي.

لالاڻيءَ جي لوءِ ۾ ساري رات سيون،
ساريان پير پرين جو. (رپ ٢ - وائي).

سالڪ تي جڏهن روحاني نور جي روشني پڻ شروع ٿئي ٿي ته پوءِ اها مسلسل پوندي رهي ٿي؛ جيڪا سالڪ کي روحاني طور تي ترقي ڏيندي رهي ٿي ۽ اهڙيءَ ريت سالڪ وڏيڪ مجاهدا ۽ رياضتون ڪري ٿو ۽ پنهنجي روحاني ترقي جو سلسلو جاري رکي ٿو جو ته هڪ دفعو جي سالڪ جي روحاني ترقي رڪجي ٿي ته پوءِ هن کي تمام گهڻو ديدار جو چاهه ۽ ياخلش پيدا ٿئي ٿي ۽ هن لاءِ اهو انتظار ته وري روحاني ترقي شروع ٿي تمام گهڻو تڪليف وارو هوندو آهي. تنهن ڪري سالڪ پنهنجي روحاني ترقي کي قائم رکڻ، ايسين چاهيندو آهي جيسين هو پنهنجي محبوب جو ديدار نٿو ڪري. پرسالڪ رڳو هڪ دفعي ديدارڪرڻ سان پنهنجي ڪاميابي نٿو سمجهي، هي ته ٻهرئين دفعي ديدار کان پوءِ انهي ديدار کان محروم ٿيڻ نٿي نه چاهندو آهي ۽ پنهنجي محبوب حقيقي جي نور جي روشني جو رنگ جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ چاڙهڻ جي تمنا ڪندو آهي، وڌيڪ مجاهدا ۽ رياضتيون ڪندو آهي ۽ اهڙي ريت سالڪ جي روحاني ترقي جي ڪا انتها نه هوندي آهي. جهڙن شاهه چوي ٿو ته

لالنئون ني لال ٿنا ، لال لنگهئو جن ؛
عدم جي اوڙاهہ پيي ، ڪنا آڻ آذو تن،
گردائئون گننگن ، گرداب ڪي ڳيان سين.
(رامڪلي ٥ - ١٢)

شاهہ جي ڪلام ۾ رنگن جو مقصد هر جاءِ تي ساڳيو نہ آهي ڪٿي ظاهري ۽ باطني ٻنهي لحاظ کان روحانيت سان هوندو آهي ڪٿي ظاهري مقصد دينوي حالتن سان تعلق رکندو آهي پر باطني مقصد روحانيت سان ، اهڙي ريت جتي بہ شاهہ لطيف پنهنجي ڪلام ۾ ڪنهن رنگ جو نالو ورتو آهي اتي بيت ۾ لفظن محاورن تشبيهن ۽ نالن جي نسبت يا مناسبت سان انهي رنگ جو تعلق ظاهر ڪيو آهي ، ڪٿي اهو تعلق نور جي رنگن سان آهي ، ڪٿي انهي جو تعلق تشبيه سان آهي ، ڪٿي ڪنهن رسم يا چوڻي ۾ تعلق هڻي ڪري آهي ۽ ڪٿي وري ڪپڙي يا ڪنهن شئي جي رنگ کي نمايان ڪرڻ خاطر رنگ جو نالو ڪنيو ويو آهي. هيٺين بيتن ۾ رنگن جا نالا ڪنهن پسند جي ڪري استعمال ٿيل نہ آهن پر اهي نالا محاورن ، اصطلاحن چوڻين ۾ تشبيه ڪري يا لفظن جي مناسبت ڪري يا سماجي تهذيب ۽ تمدن سان واسطو هڻي ڪري استعمال ٿيل آهن :

سرمو سياهيءَ جو رنن ڪي رهاءِ
ڪاني ڪارائيءَ جي، مرد ٿي م پاءِ،
اکين ۾ اٽڪاءِ لالائي لالن جي.
(آسا ٣، ٢٠)

مٿين بيت ۾ جهڪي بہ چوڻيون استعمال ٿيل آهن اهي شاهہ نصيحت طور عام انسان توڙي سالڪ لاءِ برابر چيون آهن . ساڳي مقصد سان هيٺين بيت ۾ بہ آهي :-

ڪڏهن ڳاڙهو ڪهوٽ، ڪڏهن مڙهه مقام ۾،
واريءَ سندو ڪوٽ، اڏيو اڏيو ڪيترو؟
(ڏهر ۴، ۵۲)

هن بيت ۾ ڳاڙهو ڪهوٽ بهادري لاءِ ڪم آندو آهي ۽ ڪڏهن مڙهه مقام ۾ انسان کي سندس موت جي ياد ڏياري اٿس، هن ۾ ڳاڙهي رنگ کي بهادري ۽ سالڪ جي ڪاميابي لاءِ ڪم آندو اٿس.

هيٺين بيت ۾ سالڪ کي نصيحت ڪندي چوي ٿو ته:

منهن ته آهير يا نٿي آجرو، قلب ۾ ڪارو،
ٻهران زيب زبان سين دل ۾ هچارو،
ان ۾ ويچارو ويجهو ناهه وصال سين.
(آسا ۴، ۱۸)

اڇو ٻاٽي لڙ ٽئو، ڪالوڙو ڪنگڻ
ايندي لڄ مرڻ، تنهن نسر مٿي هنجڙا
(ڪارايل، ۱، ۷)

مٿين بيتن ۾ منهن ته آهير يانٿي اجرو قلب جو ڪارو هئڻ، ٻهران زيب زبان سين دل ۾ هچارو هئڻ، اڇو ٻاٽي لڙ ٽيڻ، ڪنگڻ جو ڪالور ڪرڻ، لڄ مرڻ، اهي سڀ اصطلاح آهن جيڪي استعمال ڪيا ويا آهن جن جي پنيان باطني معنيٰ مخفي آهي.

شاهه پنهنجي ڪلام ۾ سنڌ جي تهذيب تمدن ثقافت کي به پيش ڪيو آهي. جنهن ۾ لوئي تي لاک جي رنگ جو هئڻ، پٽ جا ڪپڙا پهرڻ، لاک جون رتل لوئيون، ڪپڙن جا قسم انهن جي رنگن جو بيان ڪيل آهي، اهڙن بيتن ۾ نه شاهه جي پسندي آهي نه وري نور جي روشني جو ذڪر آهي جيئن:

ڀُولا ڀنهواريون، مور نہ مٿي ڪن،
جه لاڪ رتائون لوئيون، تہ سالٿنا سونهن،
ان ايلاچئيون اگري، ٻخمل ٻافتن،
سکر پائنيان سومرا، ڪٿي ڪان ڪهنبن،
جا ڏينم ڏاڏائن سا لاهيندي لڄ مران.
(مارئي ٣-١)

سونا ڪر ڪنن ۾، ڳچيءَ ڳاڙها هار،
ٻانهو ٽا ٻانهن ۾، سهنڊ سٺيا وار،
تيلانه ٻي ٻچار، ڪانڌ منهنجي چڏئي.
(ليلا چنيسر ١-١١)

هنن بيتن ۾ ملڪ جي تهذيب ۽ تمدن يا ثقافت جو ذڪر هڪ طرف آهي تہ روحانيت جي سمجهاڻي ٻئي طرف آهي.

سارنگ سائي سٽ جهڙي لالي لاڪ جي،
انهن سي آهن انگڻا جيئن سي چڻيءَ چٽ،
ٻرسيو ٻاسي پٽ پريائين ڪن ڪراڙ جا.

هيئين بيت ۾ جتي سالڪ جي مجاهدي ۽ رياضت ڪي ساراهيو آهي اتي انهي غاوسن جي سمنڊ مان جواهرن ۽ لالن، ڪي ڳولي ڪيڻ وارن جي محنت ڪي وا ڪاڻيو آهي:

سي ٻوچارا ٻرڻا، سمنڊ سيونوجن،
آنڊائون عميق مان، جوتي جواهرن،
لڌائون لطيف چئي، لالون مان لهرن،
ڪانهہ قيمت تن، مل مهانگو ان جو.

اِها هر شاعر جي فطرت هوندي آهي تہ هو قادر جي قدرت، جيڪا هن ڪائنات ۾ بيشمار رنگن ۽ روپن ۾ موجود آهي يا لڪل

آهي تنهن کي ھرکي ھروڙي محسوس ڪري ۽ انهي ۾ جيڪا خوبصورتي افاديت ۽ جي مشاهدي ۾ اچي ٿي ۽ عام ڏسندڙ جي نظرن کان اوجهل آهي تنهن کي ڀسارائي، ۽ عام ڏسندڙ جي نظر ۾ انهن کي ڏيکاري ٿو ۽ قادر جي قدرت جي رنگن جي خوبين جو تعارف ڪرائي ٿو ۽ اها فرحت ۽ خوشي اها لذت ۽ مسرت جيڪا خود محسوس ڪري ٿو اها ٻين کي محسوس ڪرائي ٿو ۽ جڏهن انهي کي محسوس ڪرائي ٿو، تڏهن شاعر پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب وڃي ٿو.

شاهہ لطيف پنهنجي ڪلام ۾ نہ رڳو دنوي خوشي ۽ لذت کي محسوس ڪرايو آهي پر انهي سان گڏوگڏ روحاني خوشي بہ ڏني آهي. جتي ظاهريت کي پيش ڪيو آهي، اتي باطنيت کي بہ پيش ڪيو آهي. سندس ڪلام نہ رڳو عام ماڻهن جي وندر ورونهن جي لاءِ آهي پر سندس ڪلام عالمن اديبن ۽ سالڪن لاءِ سڪ ۽ سوز جو سامان پڻ آهي.

شاهہ لطيف پنهنجي ڪلام ۾ انيڪ شين ۽ ڳالهين جي عڪاسي ڪئي آهي. پر هتي رڳو شاهہ جي ڪلام ۾ رنگن جي اپياس جو ذڪر ڪنداسين. شاهہ پنهنجي ڪلام ۾ جن رنگن جو ذڪر ڪيو آهي اهي هي آهن :- ڪارو، ڳاڙهو، اڇو، ميرو (ڪئيف) ساوو، پيلو (زرد) رنگ. تنوير عباسي پنهنجي مقالي "شاهہ لطيف جي شاعري ۾ رنگن جو اپياس" ۾ انهن ڇهن رنگن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ انهن رنگن کي شاهہ جي پسند جا رنگ ظاهر ڪيا آهن. جيڪڏهن غور سان مطالعو ڪنداسون تہ معلوم ٿيندو تہ شاهہ لطيف پنهنجي ڪلام ۾ رنگن جو ذڪر هر جاءِ تي جدا جدا مقصدن سان ڪيو آهي. ڪٿي رنگن جو مقصد اهڃاڻي

طور آهي، ته ڪٿي نظارن جڻ لاءِ، ڪٿي تشبيهه طور تي استعمال ڪيو آهي، انهي ڪان سواءِ قيمتي پٿرن، لعل ۽ هيرن جي ڳاڙهي رنگ کي پڻ شاعرائي طريقي سان ڪتب آندو اٿائين. اهڙن بيتن مان ڪي هيٺ ڏجن ٿا.

سون تان لڪائي ڳهڻو روئڻ ڪئي روشن
رسيو ريزالن کي منجها زرديءَ ظن،
ويري ٿئو ورن، ڳالهه ڪيائين ڳجهه جي.

لڙڪ لعل، لطيف چئي، ورلڻ وهايا.
(سسئي آبري ٨-١)

رڃي جي ريٽو ٿنا، ڪين اپائجن اوهه،
ڪنب نه ڪاري تنهن کي جو هالاري هوهه،
توڙي ڏوهي ڏوهه، ته لالي تهين نه لهي.
(مومل راڻو ٣-٦)

هيٺين بيت ۾ سامي جي ظاهري ڏيک کي بيان ڪيو آهي ۽ سامي جي ڪپڙن شڪل جي تصوير کي پيش ڪيو آهي:

سج سياڻي جا ڪري، سانئي ساميءَ ونڪ،
سهي نه سگهان سات سينءَ، تنهنجي راسن جي رونق،
ڪ رتائين لاڪ ۾ ڪ ڏنائين پانن پڪ،
سندي سوديل سڪ، ڪپر ڪورون جهلين.
(مومل راڻو ١-٨)

اڳي لکي آيا آهيون ته تصوف ۾ سالڪ جي لطيفن تي جيڪا نور جي روشني پوي ٿي اها ڇهن رنگن جي هوندي آهي ۽ انهن ئي رنگن کي شاهه لطيف پنهنجي ڪلام ۾ بيان ڪيو آهي. جيڪي

نور جي روشني جا رنگ لطيفن تي پون ٿا سي نقشبندي طريقي ۾ هي آهن :

لطيفه "قلب" تي جيڪا نور جي روشني پوي ٿي انهي جو رنگ "زرد" آهي.

لطيفه "روح" تي جيڪا نور جي روشني پوي ٿي انهي جو رنگ سرخ (ڳاڙهو) آهي.

لطيفه "سري" (سيني) تي جيڪا نور جي روشني پوي ٿي انهي جو "رنگ سفيد" اڇو آهي.

لطيفه "خفي" (پيشاني) تي جيڪا نور جي روشني پوي ٿي انهي جو "رنگ ڪارو" آهي.

لطيفه "اخفيٰ" (مٿي) تي جيڪا نور جي روشني پوي ٿي انهي جو رنگ "سائو" آهي.

لطيفه "نفس" تي جيڪا نور جي روشني پوي ٿي انهي جو رنگ ڪسيف (ميرو) آهي.

هاڻي انهن ڇهن رنگن جو جدا جدا ذڪر ڪنداسون. ڪهڙي ۾ ڪهڙو شاهه جي ڪلام ۾ ڳاڙهي (لعل ۽ سرخ) رنگن جو ذڪر ڪيل آهي.

جيئن ته نور جي روشني جڏهن روح تي پوي ٿي تڏهن ڳاڙهي هوندي آهي ۽ روح ئي آهي جيڪو ترقي ڪري معرفت حاصل ڪري ٿو (سالڪ کي ذڪر ۽ مجاهدي جي ڪري روحاني ترقي نصيب ٿئي ٿي. روحاني ترقي ڪري سالڪ کي قلبي سڪون ۽ خوشي ملي ٿي). سالڪ جو پنهنجي حقيقي محبوب سان ملاپ ۾ روح جي نور جي ذريعي ٿئي ٿو. تنهن ڪري روح تي جنهن رنگ

جي نور جي روشني ٿيل ٿي، انهي نسبت سان شاهه پنهنجي محبوب حقيقي کي لعل ۽ لالڻ چيو آهي جيئن شاهه صاحب چوي ٿو ته:

سيه سياهي آهي آريءَ چام ري،
ڪڏهن ٿسي ڪاڻ ڪاريءَ لالن لالائي.

(ديسي - ٢ - ٣)

مٿين بيت ۾ شاهه بلڪل صاف چيو آهي "لالڻ" يعني آريءَ ڄام (محبوب حقيقي) کان سواءِ لالائي (نور جي ڳاڙهي روشني) نظر نٿي اچي ۽ انهي کان سواءِ اونداهي اونداهي آهي پين لفظن ۾ نور جي روشني جيڪا ڳاڙهي رنگ جي آهي اها محبوب کان ئي اچي ٿي، جي محبوب حقيقي نه هجي ته اها روشني اچي ئي نه ۽ اونداهي اونداهي هجي. انهي بيت جي سمجهاڻي وري هن بيت ۾ ڏني ٿو ته:

لاهي لاڳاپا لنگهه تون، سيڻ ڏانهن سچي،
منجها راهه رچي ٿيندين "لعل" لطوف جي.

(سسئي آبري ابيات متفرقا ٠١)

مٿين بيت ۾ شاهه سالڪ کي چوي ٿو ته تون دنيوي لاڳاپا لاهي پنهنجي رب ڏانهن سچو ٿيندين ۽ انهي راه ۾ رچي راس ٿيندين، تڏهن ڳاڙهي (لعل) ٿيندين. يعني توتي نور جي ڳاڙهي روشني پوندي.

هيٺين بيت ۾ چوي ٿو ته:

هينيڙو ڏاڙهونءَ گل جئن رتو رتائون،
جال منهنجي ههڙو جهڙو.

(حسيني: ١- وائي)

مٿين بيت ۾ شاهه سالڪ جي روح جي انهي ڪيفيت کي ظاهر ڪري ٿو جيڪا نور جي ڳاڙهي روشني پوڻ کان پوءِ سالڪ کي نظر اچي ٿي ۽ اها نور جي روشني آهي جيڪا سالڪ کي پچائي راس ڪري ٿي، ۽ محبوب حقيقي جي ديدار جي راهه ڏيکاري ٿي.

هيٺين بيت ۾ وري شاهه اهڙي سالڪ جو ذڪر ٿو ڪري جنهن تي روحاني نور جي روشني پهچي چڪي آهي ۽ هي انهي روشني ۾ رڱجي اصل رنگ بدلائي چڪو آهي، هاڻ اهو رنگ هن تان لهڻ جهڙو نه آهي. تنهن ڪري دنيوي ڪابه ڪوشش هن جي انهي چڙهيل رنگ کي لاهي نٿي سگهي. ٻين لفظن ۾ سالڪ روحاني رنگ ۾ پختو ۽ پڪو ٿي چڪو آهي:

رڃي جي رينو ٿيا، ڪين اپانجن اوءِ،
ڪنب نه ڪاري تنهن کي جو هالاري هوءِ.
توڻي ڌوپي ڌوءِ، ته لالي تهن نه لهي.

(مومل راڻو ٣ - ١٦)

جڏهن سالڪ روحاني طور تي نور جي ڳاڙهي روشني ۾ رڱجي ويجي ٿو ۽ اها نور جي روشني هن تي مستقل پوندي رهي ٿي تڏهن هي هر طرف الله جو نور ئي نور ڏسي ٿو ۽ هر طرف الله جو وجود پسندو رهي ٿو تنهن جو ذڪر هن بيت ۾ ڪيو آهي:

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، چو ڏس چتائو،
منجهين ڪاڪ ڪڪوري، منجهين لڌائو،
راڻو ۽ راڻو ريءَ راڻي پشو ناهه ڪو.

(مومل راڻو ٩-٦)

اهڙيءَ ريت شاهه سالڪ جي شخصيت کي مڪمل تڏهن سمجهي ٿو جڏهن روحاني نور جي روشني هن تي پوي ٿي ۽ سالڪ پنهنجي محبوب جي هر شي کي پرکڻ لڳي ٿو ۽ روحاني نور جي روشني جي مدد سان پنهنجي محبوب حقيقي ۽ سندس ڪائنات جي هر شي جي حقيقت کي سمجهي ٿو. هيٺين بيت ۾ انهي مقصد کي ورجايو اٿس ۽ چوي ٿو تہ دنيا جو حسن حقيقي محبوب جي حسن جي ڪري آهي ۽ هن دنيا جي هر شي ۽ انهي جي نور جي روشني ڪري ڪڪوري پئي آهي:

حسن هوت پنهونءَ جي ڪڪورئو ڪوهيار

(حسني وائي-١)

جيئن مولانا رومي چيو آهي:

باز نور نور دل نور خدا ست

کوز نور عقل و حس پاڪ و جدا ست

نور جي رنگن جي روشني ڪري سالڪ انهي ۾ رنگجي ٿو ۽ اهائي هن جي روحاني طور تي ترقي جي نشاني آهي. پر انهي رنگ ۾ رنگجڻ ڪري سالڪ جي حالت ڇا هوندي آهي ۽ سندس اصليت جو ڪهڙو حال هوندو آهي ۽ سالڪ ڇا ٿي وڃي ٿو تنهن جو ذڪر ڪندي شاهه چوي ٿو تہ ڪارائيا جڏهن ڪڪوريا تڏهن انهن جي خودي ختم ٿي ويئي ۽ پاڻ کي پٽ تي ڇڏي ڏنائون:-

ويئي جن وره ٿيا، سٿي سيري ساڻ،
ڪارائيا ڪڪا ٿيا، ڇيري وڃهي ڇاڻ،
خودي ڪانئي هليا، پٽ تي ڇڏي پاڻ،
سي ڪئين پهر هڻن پاڻ جن ڳڏئو ڳرڳر بان ۾.

(رام ڪلي: ٦-٦)

سالڪ جڏهن روحاني طور تي نور جي روشني ۾ رنگجي وڃي ٿو ۽ سندس سونهن وڌي وڃي ٿي ۽ تڏهن هن جو سڄو بدن گلاب جي گل وانگر ڳاڙهي ويس ۾ وڙهيل نظر اچي ٿو ۽ اها روحاني نور جي روشني هوندي آهي جيڪا هن جي پوري جسم تي پوندي رهندي آهي:-

جهڙا گل گلاب جا، تهڙا سڄڻ ويس
چوٽا تيل چنبيلنا هاها! ڳوا هميش،
پسئو سونهن سيد چي نينهن اچن ٿا نيش،
لالن جي لبيس، آتڻ اکر نہ اچهي.

(مومل راڻو- ٣-١)

هن بيت بابت تنوير عباسي لکي ٿو تہ "مٿئين بيت موجب لالڻ جنهن جو پنهنجو ڳاڙهو رنگ آهي، ان جو لباس پڻ گلاب گل وانگر ڳاڙهو آهي- ان ڪري ڏسندڙ آفت ٿيو وڃن انهن کان اکر ہ ڪوڻ ٿو اڪلي سگهي" ١٢

هيٺين بيت ۾ شاهہ سالڪ جي انهي ڪيفيت کي بيان ڪيو آهي جيڪا قبض ۽ بسط ۾ پيدا ٿئي ٿي. جڏهن سالڪ تي محبوب حقيقي جي مهر سان نور جي روشني هن تي پوي ٿي ۽ انهي نور جي روشني جي مدد سان هن کي مشاهدا ٿين ٿا ۽ محبوب جو ديدار هن کي ٿئي ٿو. وري ڪجهہ وقت لاءِ نور جي روشني هن تي اچڻ بند ٿيو وڃي جنهن ڪري. مشاهدا ختم ٿيو وڃن ۽ هن ۾ بي اطميناني جي ڪيفيت ۽ وري ديدار ڪرڻ جي خلش پيدا ٿئي ٿي. انهي قبض ۽ بسط واري ڪيفيت جو ذڪر ڪندي شاهہ چنڊ کي چوي ٿو (جيڪو محبوب حقيقي کان اها روشني آڻي ٿو) تہ

تنهنجي روشني ۾ چٽائي آهي جنهن ڪري سان هر شي ڪي چٽي طرح ڏسي سگهان ٿو ۽ پر جڏهن تنهنجي اها روشني نٿي پوي تڏهن مونکي ڪجهه به نظر نٿو اچي ۽ محبوب حقيقي جو ديدار ٿيڻ بند ٿيو وڃي، تڏهن مونکي تمام گهڻي تڪليف ٿئي ٿي ۽ انهي جي ديدار لاء مان پنهنجي لال لڱن کي ديئوي خوشبو سان تر ٿو ڪريان ۽ انتظار ڪندي اها خوشبوء به ختم ٿيندي ٿي وڃي.

چنڊ چٽائي تنهنجي سياهيء ۾ سور،
لايان لال لڱن کي چندن پري پور،
ڪوماٽو ڪپور مون واجهائيندي پرينء کي.

(ڪنيات ١ - ١٣)

هيئين بيت ۾ چوي ٿو ته' محبوب حقيقي جي جڏهن انهي نور جي روحاني روشني ٿئي ٿي ۽ روح تي نور جي لالائي آئي ٿي، تڏهن هو سيني کان سهڻو ٿيو وڃي ۽ پين کان سوايو به ٿيو وڃي ۽ انهي حالت ۾ هن جي وات ۾ ٻي ڪابه وائي نه هوندي آهي پر فقط پنهنجي محبوب جي ياد ئي هوندي آهي: جيئن چوي ٿو ته؛

روهه راٽي جي ناهه، ڪو سوڊو سوائي،
لڌ وٽنا لطيف چئي لالي تنهن لائي.
ڪانهي ٻي وائي ٿو مڙوئي ميندرو.

(مومل راڻو- ٣ - ١٠)

مٿئين بيت بابت تنوير عباسي لکيو آهي ته راٽي به لڌائي مان لالي ٿو لئي. راٽي جي لاڻ لائي سندس سهڻي ٿيڻ جو اهڃاڻ آهي. اها ڪيفيت اهڙي آهي جو هو پين سيني کان اڳرو "سوائي" ٿي ٿو وڃي. صرف لالي لاڻ جي ڪري ۽ ان ڪري ئي "ملڪ

سڀوئي سينڌرو ٿي تو وڃي ۽ هو هم اوست جي ڪل ۾ سمائجي
ٿو وڃي" ١٢. ساڳيو مقصد هن بيت مان ۾ ظاهر ٿئي ٿو :

ڏاڻي گھڻا اڄ من سوڍي سين ونڱئو ،
ڪا جا لائي سينڌري لالي ڪي لڳن ،
راتو اکڙين وساريان نہ وسري .

نور جي روشني ڪي وڌيڪ هن بيت ۾ ظاهر ڪيو آهي .

چنڊ تنهنجي ذات، پاريان نہ پرين سان،
تون اڄو ۾ رات ، سڄڻ نت سوجهرو .

(ڪنڀات ١-٨)

هن بيت ۾ شاه صاحب بلڪل صاف ظاهر ڪيو آهي تہ چنڊ
جي روشني اڄي آهي پر محبوب حقيقي تہ سوجهرو آهي جيئن هن
بيت ۾ آهي تہ :

ڪاري رات ، اڄو ڏينهن ، اي صفات نور ،
جتي پرين حضور ، اتي رنگ نہ روپ ڪو .

ساڳيو مقصد ظاهر ٿئي ٿو جتي محبوب حقيقي آهي جتي
پرين حضور آهي اتي نور جي روشني جو ڪو بہ رنگ نہ آهي پر
اتي رڳو سوجهرو آهي . اڄو رنگ لطيف سري جو آهي ، ۽ انهي
ساڳي ڳالهہ کي شاه هن بيت ۾ ورجايو آهي .

مٿين بيتن ۾ اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ پرين جي حضور ۾ نور
رڳو سوجهرو آهي اتي نور جو نہ رنگ آهي نہ روپ پر اهي رنگ
لطيفن تي پوڻ ڪري آهن جيئن اڳي چئي چڪا آهيون . هي ڳاڙهو
رنگ رڳو لطيفي روحي جو هوندو آهي تنهن ڪري سالڪ انهي
واسطي سان پنهنجي محبوب کي سڏي ٿو ۽ انهي ڪري شاه
چوي ٿو تہ :

هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن رتيو رتائون،
حال منهنجو هوڙو جهڙو
(حسيني ١ - وائي)

مٿين بيت ۾ شاهه جو مطلب آهي ته منهنجي روح تي نور جي ڳاڙهي رنگ جي روشني اهڙو رنگ چاڙهيو آهي جو اهو ڏاڙهونءَ جي ڳاڙهي گل مثل تي پيو آهي هاڻ منهنجي روح جي حالت اهڙي آهي.

هيٺين بيت ۾ شاهه سامي جي حالت کي پيش ڪيو آهي ۽ چوي ٿو ته هن سامي جي منهن مان ائين ٿو معلوم ٿئي جڻ سپاٽي سوير جيئن سج اڀري (يعني سندس منهن تي نور جي ڳاڙهي روشني پوي پئي) ۽ منجانس عطر جي خوشبوءِ به پئي اچي تنهن ڪري اها جاءِ ڏيکاري جتان سالڪ لعل ٿيو آهي. يعني جتان سالڪ تي نور جي ڳاڙهي روشني پوڻ سان هن کي معرفت حاصل ٿي آهي. يعني معرفت جو ساڳ تڏهن حاصل ٿئي ٿو جڏهن سالڪ لعل ٿو ٿئي ۽ اڳتي ترقي ڪري ٿو.

سج سپاٽي جا ڪري، سا ٿي ساميءَ روءِ،
اچي ٿي عطر جي منجهان مڪت بوءِ،
سا ڏيکاريهون جوءِ، جتان لاهوتي لعل ٿئو.
(مومل راڻو ١-٧)

هن بيت بابت تنوير عباسي جي راءِ آهي ته شاهه لطيف وٽ ڳاڙهي رنگ جي اهميت اها به وڌيڪ آهي، ڀاڻ ڪي، ۽ پنهنجي محبوب کي "لال" ته سڏي ٿو، پر هو پنهنجي پسند جي هر شخص کي "لال" ٿيندي ڏسڻ ٿو چاهي. ڳاڙهاڻ سان رڱيل شخص هن جي آڏو مڪمل شخص آهي. جنهن شخص ۾ "لالائي" ڪانهي، اهو شاهه

لطيف جي نظر ۾ مڪمل ڪونهي. ان لاءِ شاهہ لطيف لعل ٿيڻ ڪڪور جڻ ۽ ريٽو ٿيڻ جا محاورا ڪم آندا آهن." ١٤

وري نور جي روشني ڪري جڏهن سالڪ رنگجي ريٽو ٿئي ٿو ۽ منزل مقصود تي پهچي ٿو، تڏهن هي ڪهڙي حالت ۾ هوندو آهي تنهن جي تصوير شاهہ هن ريت پيش ڪئي آهي:-

جوڳيءَ تي جڙاءُ، نسوروئي نينهن جو،
پتنگ جئن پيدا ٿئو، سامي سچ وڙاءُ،
آيو ڪاڪ تڙاءُ، ڪنٺارن ڪڪورئو.

(مومل راڻو)

هن بيت لاءِ تنوير عباسي لکيو آهي ته "ڪڪورڻ" اهڃاڻي طور تي ڪنهن ازلي حقيقت سان هڪ ٿي وڃڻ جو آخري ڏاڪو آهي. ١٥

شاهہ صاحب دراصل هن بيت ۾ اهڙي سالڪ کي پيش ڪيو آهي جيڪو روحاني طور تي پنهنجو سفر پورو ڪري آخرين منزل تي پهچي واپس ٿيو آهي يعني فنا في الله کان پوءِ بقا بالله ڏي چڪو آهي. هي انهي نور جي ڳاڙهي روشني ۾ مڪمل طور رنگجي ڪاڪ جي تڙ (حقيقي محبوب جي ديدار واري جاءِ) تان ٿي واپس آيو آهي (يعني فنا کان پوءِ بقا واري زندگي حاصل ڪري چڪو آهي) ۽ هي اتي جي ڪاڪ واري رنگ ۾ رنگجي ڪڪور جي چڪو آهي، ۽ هاڻ هن جي نينهن تي انهي رنگ جو ايترو اثر يا نشو ٿيو آهي جو پتنگ وانگر پاڻ کي انهي نور جي روشني ۾ (جيڪا ڪڪي جي آهي) جلائڻ لاءِ بہ تيار آهي، ۽ اهوئي سالڪ جو مقصد هوندو آهي. انهي حالت ۾ جڏهن سالڪ اچي ٿو تڏهن اهو محبوب حقيقي کان اهندڙ نور جي روشني ۽ اها جاءِ

جتان نور جي روشني اچي ٿي ۽ اهوئي محبوب حقيقي (لالڻ) هن کي هر طرف نظر اچي ٿو، جو ته هي انهي رنگ ۾ رنگجي ريٺو ٿي چڪو آهي:-

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو جو ڏس ڇٽاڻو،
منجهين ڪاڪ ڪڪوري؛ منجهين لڏاڻو،
راڻو ۽ راڻو، ري راڻي ٻئو نالا ڪو.

(مومل راڻو ٩-٦)

سالڪ جڏهن روحاني روشني ٻوڻ ڪان ٻوء پنهنجي محبوب جو ديدار ڪري ٿو ۽ معرفت جو ماڪ ماڻي ٿو، تڏهن سندس سونهن ۾ جمڪا مٺياه ۽ نور جي روشني پيدا ٿئي ٿي ۽ انهي ۾ جيڪا روحاني خوشبو، پيدا ٿئي ٿي انهي جو ذڪر ڪندي شاهه چوي ٿو ته:

سج سياڻي جا ڪري، ساڻي سامي‌ء روء،
اچي ٿي عطر جي منجهان مڪث بوء،
سا ڏيکاريهون جوء، جتان لاهوتي لعل ٿئو.

۽ وري جڏهن سالڪ معرفت جو ماڪ ماڻي لڏاڻي سان لالي لائي يعني نور جي روشني جي مدد سان پنهنجي محبوب جو ديدار ڪري، سهڻو ٿي پين ڪان سوانيو ٿي موٽي ٿو، تڏهن هن کي ڇا ٿو نظر اچي تنهن جو ذڪر شاهه وري هن ريت ڪيو آهي.

روء راڻي جي نالا ڪو سوديو سوائي
لڏوڻتا لطيف چئي، لالي تنهن لائي.
ڪانهي ٻي وائي، ٿئو مڙوئي ميندرو

(مومل راڻو ٣-١٠٠)

اهڙي حالت ۾ سالڪ هن دنيا ۾ ڇا ٿو محسوس ڪري ۽ پنهنجي محبوب کان سواءِ هن کي ڇا ٿو نظر اچي يا ٻين لفظن ۾ نور جي روشني کان سوا هي ڇا ٿو محسوس ڪري؟ تنهن لاءِ هن بيت ۾ آهي تہ:

سيہ سياهي آهي، آريءَ ڄام ري،
ڪڏهن ٻسي ڪانہ ڪاريءَ لالن لالائي.

۽ اهڙي حالت ۾ سالڪ کي هن دنيا ۾ نڪي ڪجھ ڏسڻ ۾ تو اچي ۽ نڪي ڪجھ ياد ئي ٿو رهي.

لڳڙي آهي لغار او يار
لنءَ لنءَ ۾ لالڻ جي. (ديسي واڻي ۽)

۽ جڏهن سالڪ پنهنجي ديدار ڪرڻ کان پوءِ اڳتي وڌي ٿو تہ سالڪ ڇا ٿو ٿئي تنهن لاءِ شاهہ صاحب چوي ٿو:

لالڻون ئي لال ٿيا لال لنگهنو جن
(رام ڪلي ٥-١٦)

شاهہ جي ڪلام ۾ ڳاڙهي رنگ جو مقصد آهي تہ اها روحاني نور جي روشني جيڪا روح تي پوي ٿي، جنهن کي تصوف ۾ رزحي نور جي روشني چيو ويجي ٿو. ۽ سالڪ کي ٻهريائين انهي نور جي روشني کي جيڪا ڳاڙهي رنگ جي هوندي آهي حاصل ڪرڻي پوندي آهي ۽ انهي روحاني روشني جي رنگ ۾ رڇي رهڻو ٿيڻو پوندو آهي. انهي کان پوءِ سالڪ اڳتي ترقي ڪري ٿو ۽ انهي روشني جي مدد سان ئي سالڪ کي مشاهدا ٿين ٿا ۽ انهي روشني جي مدد سان هن کي معرفت جو ماڳ حاصل ٿئي ٿو يا انهي روشني جي ئي مدد سان سالڪ جي معرفت جي

تڪميل ٿئي ٿي. ۽ شاهه جي نظر ۾ اهائي ڳاڙهي نور جي روشني آهي جيڪا محبوب حقيقي ڪان اچي ٿي. ۽ جيڪا سالڪ کي لال بنائي ٿي. تنوير عباسي انهي لاءِ لکي ٿو، ”ڀر شاهه لطيف جي شاعري ۾ ڳاڙهي رنگ جي اهميت اچا ٻه وڌيڪ آهي. هن وٽ ڳاڙهو رنگ ازلي محبوب (لالڻ) آهي. هن وٽ ڳاڙهو رنگ لڳائڻ (لال ٿيڻ) جو مطلب آهي مڪمل ٿيڻ يا تڪميل حاصل ڪرڻ جيڪو نتشي جو فوق‌الانسان (Superman) آهي اهو شاهه لطيف جو لال آهي“. ١٦

شاهه جي نظر ۾ ”لالڻ“ اهوئي حقيقي محبوب آهي ۽ هن وٽ ايندڙ نور جي روشني کي شاهه ڳاڙهي نور جي روشني سڏيو آهي ۽ اهائي نور جي روشني سالڪ جي روح تي پوي ٿي جيڪا هن جي روح کي لال بنائي ٿي ڇڏي ؛ جيڪا هن کي رنگي ريٽو ڪري ٿي. روح جو تعلق جيئن ته پنهنجي خالق سان رهي ٿو تنهن ڪري رب ۽ روح جي تعلق واري نور جي روشني کي لالائي ۽ جنهن وٽان اها روشني اچي ٿي تنهن کي ”لالڻ“ سڏيو آهي. جيئن ته سالڪ جو تعلق پنهنجي محبوب حقيقي سان انهي ڳاڙهي نور جي روشني ڪري رهي ٿو تنهنڪري ڳاڙهي رنگ کي نور جي روشني جي تعلق سان وڌ ۾ وڌ بيان ڪيو آهي.

ڀر جڏهن هو روحاني نور جي روشني جي تعلق ڪان هٽي محبوب حقيقي جي اصل نور جي روشني جو ذڪر ڪري ٿو تڏهن چوي ٿو ته:

چنڊ تنهنجي ذات، ٻاڙيان نه ٻرين سان،
تون اڀو ۾ رات، سڄڻ نت سوجهرا.

هتي شاهه محبوب حقيقي کي ”سچل نت سوجهرو“ چيو آهي اهو به چيو آهي ته جتي پرين حضور اتي ڪو به رنگ ۽ روپ آهي ڪونه :

ڪاري رات اڇو ڏينهن، ايءَ صفتآ نور،
جتي پرينءَ حضور، تتي رنگ نه روپ ڪو.
(ڪاهوڙي : ٣ - ١٣)

تصوف ۾ پهلو رنگ لطيفي قلبي جي نور جو رنگ آهي جيئن قلب، نفس ۽ روح جي وچ جي ڪيفيت آهي تنهن ڪري هتي جي نور جو رنگ لطيفي نفسي جي نور جي رنگ ڪسيف ۽ لطيفي روح جي نور جي رنگ ڳاڙهي جي ميل وارو رنگ آهي جنهن کي شاهه صاحب ميٺو زرد ڪري سڏيو آهي. جيئن هن بيت ۾ شاهه صاحب فرمايو آهي ته :

يادڪرو ڪن ڪوڏڙيا پر بازار ٻيٺا،
پڙهن سور سبحان جي ٻين تنهن ايٺا،
جيلاهه منهن ميٺا تيلاهه، نشا ڇاڙهيائون نيه جا.
(رام ڪلي: ٦ - ١٢)

هن بيت ۾ شاهه چوي ٿو سالڪن جنهن لاءِ لطفيي قلبي نور جي روشني ڇاڙهي آهي يعني منهن ميٺا ڪيا آهن انهيءَ جي محبت جو نشو هن تي چڙهيل آهي. ٻين لفظن ۾ انهن سان محبت ڪندڙ ٻر ۾ هجن يا بازار ۾ هو پنهنجي رب کي هر وقت ياد ڪندا رهن ٿا. جنهن لاءِ هي پنهنجي قلب تي نور جي روشني (يعني زرد يا ميٺي رنگ جي روشني) ڇاڙهين ٿا انهي جي محبت جي نشي ۾ هو مست هوندا آهن.

جيئن ته قلب، نفس ۽ روح جي وچم هوندو آهي ۽ ڪڏهن نفس هن تي قابض هوندو آهي ۽ ڪڏهن روح. جڏهن

نفس ھن تي غلبو ڪري ٿو تڏھن ھن تي نفس واري ڪيفيت طاري ھوندي آھي ۽ جڏھن روح غلبو ٿو ڪري تڏھن ھن تي روح جي ڪيفيت طاري ھوندي آھي ۽ ھن کي سڪون حاصل ھوندو آھي. ۽ جڏھن نفس کي سالڪ فنا ٿو ڪري، تڏھن قلب، روح ۽ نفس تي نور جي روشني پوڻ شروع ٿئي ٿي. تنھن ڪري شاھ قلب جي نور جي رنگ جو ذڪر گھٽ ڪيو آھي. تصوف ۾ لطيفي نفسي جي نور جو رنگ مٽي جھڙو يا ميرانجھڙو پاڪسيڻ آھي، ھيٺين بيت ۾ شاھ صاحب انھي جو ذڪر ھن ريت ڪيو آھي ته:

ڪال ڳڏئو سين ڪاپڙي پابو رنگ پيوت،
سرئو سين سڪون، جوڳيءَ سندي ذات ڪان.

(مومل راڻو ١١ - ٥)

جيئن ته سالڪ کي پورياڻون پنھنجي نفس کي ماري فنا ڪري ھن دنيا جي محبت جي بدران الله جي محبت پيدا ڪرڻي ھوندي آھي تنھن ڪري ھي پنھنجي نفس کي مارڻ لاءِ رياضتون ۽ مجاھدا ڪري تن کي تڪليفون ڏيئي اھو مقام حاصل ڪري ٿو جتي ھن جي نفس تان اونداھي جو پڙدو ھٽيو وڃي ۽ نور جي روشني پوڻ شروع ٿئي ٿي ۽ ھن جي نفس ۾ دنوي محبت جي بدران الله جي محبت جاءِ وٺي ٿي، ۽ جڏھن سالڪ جو نفس بلڪل فنا ٿيو وڃي تڏھن قلب کي سڪون ملي ٿو ۽ قلب تي نور جي روشني پوي ٿي، جنھن جو رنگ زرد ھوندو آھي. ۽ جڏھن روح، نفس جي فنا ٿيڻ کان پوءِ معرفت حاصل ڪرڻ شروع ڪري ٿو تڏھن ھن تي لطيفي روح جي نور جي روشني ڳاڙھي رنگ جي پوي ٿي ۽ انھي روشني جي ڪري سالڪ جي معرفت جو سفر شروع ٿئي ٿو.

۽ هن جو تعلق پنهنجي رب سان قائم ٿئي ٿو ۽ سالڪ کي مشاهدا ٿيڻ شروع ٿين ٿا. اهڙي حالت ۾ سالڪ کي پنهنجي روحاني ترقي جو يقين ٿيو وڃي ۽ هن کي قلبي سڪون حاصل ٿئي ٿو. شاهه صاحب هن بيت ۾ اهڙي سالڪ جو ذڪر ٿو ڪري جيڪو نفس کي ماري چڪو آهي هن تي لطيفي نفسي جي نور جي روشني پوري طرح پوي ٿي ۽ هن کي آرام ۽ سڪون حاصل ٿيو آهي.

هيٺين بيت ۾ شاهه صاحب وري چوي ٿو ته:

جوڳيئو ويس ڪري ، سگهڙي سار لهيجا ،

مٿين بيت ۾ به شاهه صاحب سالڪ کي هدايت ٿو ڪري ته ڀهريائين جوڳين جو ويس ڪر ۽ پوءِ جلدي خبر چار وٺ ۽ انهي کان اڳي تون محبوب حقيقي جي پڇا به نه ڪر. ٻين لفظن ۾ ڀهرئين قلب جي صفائي ڪري ۽ پوءِ محبوب حقيقي جي سار جلدي لهڻ گهرجي. يعني ڀهريائين نور جي ڪسيف رنگ جي روشني حاصل ڪئي وڃي ۽ پوءِ جلدي الله جي محبت کي دل ۾ قائم ڪيو وڃي ته جيئن وري نفس تان اها نور جي روشني ختم نه ٿي وڃي. ڇو ته نفس ۾ جيسين جلدي الله جي محبت نه پيدا ڪئي ويندي تيسين هن کي فنا ڪري نه سگهبو. تنهن ڪري سالڪ کي گهرجي ته جيئن نفس کي قابو ۾ ڪري تيئن الله جي ياد کي هميشه لاءِ ذڪر ۽ فڪر جي مدد سان نقش ڪري ڇڏي ته جيئن روحاني ترقي ۾ واڌارو ڪري سگهي. هتي شاهه جو جوڳيئون ويس ڪرڻ سان مقصد هي آهي ته جوڳي کي گهرجي ته نفس کي فنا ڪري پنهنجي جسم تي لطيفي نفسي جي مدد سان ڪسيف نور جي روشني حاصل ڪري ۽ نور جي روشني حاصل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي محبوب

حقيقي جي محبت کي پنهنجي دل ۾ دائم ۽ قائم ڪري ته جيئن اڳتي روحاني ترقي جو منزلون ماڻي سگهي.

تصوف ۾ لطيفي سري جي نور جو رنگ اڇو آهي ۽ جاءِ سينو آهي. لطيفي نفس جي نور جو رنگ ڪسمي آهي ۽ لطيفي قلب جي نور جو رنگ زرد آهي ۽ لطيفي روحي جو رنگ ڳاڙهو آهي ۽ جڏهن تنهي تي نور جي روشني پوي ٿي تڏهن انهن ٽنهي تي نور جي روشني پوڻ کان پوءِ سيني تي نور جي روشني پوي ٿي جيڪا ٽنهي لطيفن جي نور جي روشني جي مڪمل ٿيڻ جي علامت آهي. انهي روشني پوڻ سان نفس فنا ٿئي ٿو قلب کي سڪون ملي ٿو ۽ روح جي ترقي ٿئي ٿي. اهڙي ريت هن نور جي رنگ پوڻ ڪري نفس، قلب ۽ روح جي جهڪا چڪتاڻ ۽ ڪشمڪش هوندي آهي اها ختم ٿيو وڃي ۽ سالڪ هر تڪليف ۽ ڏک کي محبوب حقيقي جي طرفان سمجهي انهن کي به پنهنجي لاءِ سک ۽ آرام تو سمجهي.

عام مفهوم ۾ به اڇي رنگ کي سلامتي جو رنگ ۽ پاڪيز رنگ تصور ڪيو وڃي ٿو ۽ شاهه به هن رنگ کي پنهي مقصدن ۾ ورتو آهي. هي رنگ هڪ طرف سالڪ جي لطيفي سري جي نور جو رنگ ڪري پيش ڪيو آهي جيڪو سالڪ کي قلبي سڪون ۽ روحاني لذت جي صورت ۾ ملي ٿو تنهن ڪري سالڪ کي امن سک ملي ٿو ۽ پيو ته اهو امن ۽ سک هن کي مڪمل پاڪائي کان ئي پوءِ حاصل ٿئي ٿو تنهن ڪري شاهه به اڇي رنگ کي پاڪائي، خالص هجڻ، چٽائي ۽ تڏي روشني جي لاءِ ڪم آندو آهي. جيئن شاهه جو هي بيت آهي:

اڇو ٻاٽي لڙ ٽئو، ڪالورٺو ڪنڪن،
اينڊي لڳ مرن، تنهن سر مٿي هنجڙا.
(ڪاراڻيل ١-١)

مٿئين بيت ۾ اڇو ٻاٽي ۽ هنجڙا ٻئي لفظ ٻاڪائي جي لاءِ ڪم آندا آهن.

ٻيو بيت آهي ته:

چنڊ تنهنجي ذات، ٻاڙيان نه ٻرابر سان،
تون اڇو ۾ رات، سڄڻ نت سوجهرا.

هن بيت ۾ چنڊ جي روشني جي اڇي هجڻ ڪري ڏسندڙن کي سک ۽ آرام ڏيندڙ ڪري شاهه بيان ڪيو آهي.

هيٺين بيت ۾ شاهه صاحب لطيفي سري جي نور جو ذڪر بلڪل صاف ڪيو آهي چوي ٿو ته:

ويئو جي وماسين حيرت ٻئوم هور،
اونهو جو اڇو وهي، کهڙي تٿائين کهور
ڏنيون هڏم ڏور، کهورٺو ڪب ڪسن ٻجو.
(ڪاراڻيل ١ - ٩)

ساڳئي مطلب وارو هي ٻيو بيت آهي:

ويئو جتن وماسيين حيرت ٻئوم هاڻ،
للن کي لطيف چئي، اڇي ساڻ آرام،
ڪنڪن لٿي ڪاڻ، گڏئو هنج حبيب کي
(ڪاراڻيل - ١- ١٩)

ٻهرئين بيت ۾ سالڪ کي نصيحت ٿو ڪري ته چو تون حيرت ۾ پيو آهين چو فهم ٻيو ڪرين، اڇو جيڪو اونهو ٻاٽي ٻيو وهي تنهن ۾ کهڙ. جهڙن ته ٻهرٻاڻدن نفس، قلب ۽ روح تي نور جي

روشني اچي ٿي تنهن کان پوءِ سري تي نور جي روشني ٿيئي ٿي جيڪا نفس، روح ۽ قلب جي نور جي روشني کان پوءِ پوي ٿي تنهن ڪري انهي نور جي روشني کي شاهه اونهو سڏيو آهي. ۽ ٻئي، بيت ۾ وري چوي ٿو ته انهي روشني ۾ آرام اچي ٿو جو نه سالڪ کي لطيفي سري تي نور جي روشني اچڻ سان يقين ٿيو وڃي ته هاڻ هن کي حقيقي محبوب جو ديدار ٿيڻو آهي، جو ته هن جو نفس فنا ٿي ٿو وڃي ۽ نفس تي نور جي روشني هوندو آهي ۽ قلب کي به سڪون ملي و وڃي ۽ قلب تي به نورجي روشني هوندي آهي ۽ روح تي به نور جي روشني هوندي آهي ۽ هن جي ترقي ٿيڻ شروع ٿئي ٿي تنهن ڪري جڏهن لطيفه، سري جي روشني پوڻ شروع ٿئي ٿي جيڪا اڇي رنگ جي هوندي آهي تڏهن سالڪ کي بلڪل آرام اطمنان ٿيو وڃي ته هاڻ هن کي پنهنجي محبوب جو ديدار نصيب ٿيڻو آهي. يعني سالڪ جو دنيا جي طلبن سان تعلق ٽٽي چڪو آهي ۽ هاڻ هنهِ ٻکي جهڙو سهڻو ٿي چڪو آهي ۽ سندس مٿان اڇي نور جي روشني دائمي ٿئي پوي تنهنڪري هاڻ هن جي ملاقات پنهنجي حقيقي محبوب سان ٿيندي ئي ٿيندي .

شاهه پنهنجي ڪلام ۾ اڇي رنگ کي صفائي، پاڪائي، سهڻائي، نيڪي ۽ خالص هئڻ جي لاءِ ڪم آندو آهي. جو ته شاهه هنهِ جنهن جي کنين جو اڇو رنگ هوندو آهي تنهن کي سهڻو ۽ پاڪ ٻکي سمجهي ٿو جيڪو هڪ طرف پاڪ آهي ٻئي طرف صاف رهي ٿو، تنهن ڪري اهڙن سالڪن کي جيڪي روحاني ترقي ڪرڻ شروع ڪن ٿا جن جو تعلق دينوي تعلقاتن سان ٽٽيو وڃي، جن جو نفس فنا ٿيو وڃي، تنهن کي هنهِ سڏيو آهي

۽ جهڙي دنيوي تعلقاتن ۾ ڦاٿل آهن تن کي ڪنگ سڏيو آهي جهڙي سڄو ڏينهن مڃي تي گذارو ڪن ٿا .

تصوف ۾ سفيد رنگ (اڇو) جو مقصد لطيفي سري جي نور جو رنگ آهي. حضرت مجدد الف ثاني ۽ حمل فقير سري جي نور جي رنگ اڇو لکيو آهي ۽ حضرت خواجہ محمد حسن جان سرهندي وري قلب جو رنگ اڇو چيو آهي ہر جيئن تہ سري جي جاء سينو آهي ۽ نور جي روشني جيڪا سيني تي پوي ٿي تنهن جو رنگ اڇو آهي تنهنڪري شايد انهي کي قلب جي نور جو رنگ چيو آهي . جيئن تہ اڳي چئي چڪا آهيون تہ نور جي روشني جي رنگن جو ويجهڙائي جي ڪري سالڪن انهن رنگن کي بدليل سمجهيو آهي.

سالڪ جي روحاني ترقي تڏهن ٿيندي آهي جڏهن هي نفس کي ماري قلب کي اجاري روحاني زندگي بسر ڪري ٿو ۽ انهن ٽنهي تي جڏهن نور جي روشني گڏوگڏ پوي ٿي تڏهن ئي سالڪ جي پاڪائي مڪمل ٿئي ٿي جنهن کان پوء هن کي مشاهدا ٿيڻ لڳن ٿا جيئن شاہ چوي ٿو تہ :

سرمو سفيديء جو جڏهن پاتو جن ،
تڏهن ڏٺي تن اڄاڻي عالم ۾ .

قلب، روح ۽ نفس جي جاء لڳو لڳ سيني ۾ آهي ۽ جڏهن نور جي روشني روح، قلب ۽ نفس تي گڏ پوي ٿي تڏهن سالڪ جي نظرن ۾ قوت پيدا ٿئي ٿي ۽ تنهن ڪري سالڪ هن دنيا جي هر شيء ۾ قادر جي قدرت کي ڏسي ٿو ۽ هن کي حقيقت جي ڄاڻ ٿئي ٿي. ٻين لفظن ۾ سري جي نور جي روشني کان پوء پرين جي حضور ۾ سالڪ پهچي ٿو جنهن جو ذڪر شاہ ڪيو آهي .

نور جي روشني ڀوريائين نفس جي فنا ٿيڻ تي لطيفي نفسي تي ٿي ٿي جيڪا ڪسيف رنگ جي آهي تنهن کان پوءِ قلب تي (لطيفي قلبي جي رستي) نور جي روشني ٿي ٿي جيڪا زرد آهي ۽ ٽئين منزل تي لطيفي روحي جي نور جي روشني اچي ٿي جيڪا ڳاڙهي رنگ جي هوندي آهي ۽ چوٿين منزل لطيفي سري جي نور جي روشني آهي جيڪا اڇي رنگ جي هوندي آهي. انهي کان پوءِ نور جي روشني ۾ ترقي ٿئي ٿي ۽ اها مٿي جي طرف وڌي ٿي تنهن ڪري ائين چئجي ته سري جي نور جي روشني ٽنهي لطيفن جي نور جي روشني جو ميلاپ آهي يعني روح، قلب ۽ نفس جي نور جي روشنين جي رنگن جو ميلاپ.

سالڪ جڏهن وڌيڪ روحاني طور تي ترقي ڪري ٿو تڏهن لطيفي سري کان پوءِ نور جي روشني ڀوريائين پيشاني تي ٿي ٿي جنهن ڪري لطيفي خفي ۾ بيدار اچي ٿي ۽ هن تي جيڪا نور جي روشني ٿي ٿي انهي جو رنگ ڪارو هوندو آهي ۽ انهي کان پوءِ لطيفي اخفيٰ ۾ بيدار اچي ٿي جنهن جي جاءِ ڪپرائي آهي. اتي جيڪا نور جي روشني ٿي ٿي اها سائي رنگ جي هوندي آهي.

شاهه صاحب گهڻو ڪري اڇي ۽ ڪاري رنگ جو ذڪر گهڻو ڪيو آهي. انهي جو سبب هي ٿي سگهي ٿو ته جئين ته نفس، قلب ۽ روح تي پوندڙ نور جي روشني کان پوءِ پوري سيني تي لطيفي سري جي نور جي روشني اچي ٿي ٿي جيڪا ڀرئين ٽنهي نور جي روشنين کان پوءِ ترقي ڪري ٿي ٿي ۽ انهي ٽنهي نور جي روشن جي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ لطيفي سري جي نور جي روشني ٿي ٿي تنهنڪري شاهه انهن جي مڪمل ٿيڻ واري نور جي روشني کي پيش ڪيو

آهي يعني اڇي نور جي روشني جو ذڪر ڪيو آهي. ٻيو رنگ ڪارو آهي، جنهن ڪي شاهه هميشه اڇي جي تضاد ۾ آندو آهي. تصوف ۾ جيئن ته ڀهرئين مٿي ٻڌايل منزلن ڪانپوءِ ٻه منزلون آهن جن ۾ پهريائين لطيفي خفي جي منزل آهي ۽ هي منزل سالڪ جي پاڪائي صفائي واري منزل کان پوءِ جي آهي. تنهن ڪري هن منزل تي سالڪ کي ڪجهه وقت لاءِ انتظار ڪرڻو پوي ٿو ته جيئن محبوب حقيقي جي طرفان ديدار جو حڪم ملي ۽ انهي دوران سالڪ کي وسوسا، وهم ۽ خوف وڌهي ويندا آهن ۽ هن کي هڪ طرف نفس جون طلبون ياد ايندیون آهن ۽ ٻئي طرف محبوب حقيقي جي ديدار جي طلب ۽ انهي دوران هن جا مشاهدا ۾ رڪجي وڃن ٿا. تنهن ڪري هي منزل سالڪ لاءِ بيصبري ۽ بيءِاطمينانی واري هوندي آهي اها منزل تمام مشڪل منزل هوندي آهي تنهن ڪري ڪاري رنگ کي شاهه اڇي جي ڀيٽ ۾ آندو آهي يعني قلبي سڪون ۽ انتظار جي ڪيفيت کي ملائي پيش ڪيو آهي.

انهي کان سواءِ ڪارو رنگ ۽ سانو رنگ يعني لطيفي خفي ۽ لطيفه "اخفيٰ" جي نور جا رنگ پاڻ ۾ ويجهڙائي ڪري ملیل نظر اچن ٿا تنهن ڪري، شاهه ڪاري رنگ کي وڌيڪ نمايان بيان ڪيو آهي. ٿورن لفظن ۾ ائين چئجي ته نفسي، قلبي ۽ روحي جي لاءِ مجموعي لطيفه سري کي پيش ڪيو اٿس ۽ لطيفي "خفي" ۽ اخفيٰ جي لاءِ لطيفي خفي کي مجموعي طور تي پيش ڪيو آهي. جيئن چوي ٿو"

ڪاري رات، اڇو ڏينهن اي صفتاً نور،

جتي پرين حضور تتي رنگ نه روپ ڪو.

تصوف ۾ اڇو لطيفي سري جي نور جو رنگ آهي ۽ ڪارو لطيفه خفي جي نور جون رنگ آهي ۽ ٻنهي کي نور جون صفتون سڏيو

آهي . ۾ جنهن حقيقي محبوب آهي انهي نڪو رنگ آهي نڪو روپ. اهڙي ريت شاهه نور جي ڪيف، زرد ، ڳاڙهي لاءِ مجموعي اڇي رنگ کي ڪاري ۽ سائي لاءِ ڪاري رنگ کي نور جون صفتون چيون آهن . ۾ جتان نور جي روشني پوي ٿي انهي ڪوهه نور جو رنگ يا روپ نه آهي پڌايو آهي .

اڇي رنگ کان پوءِ شاهه ڪاري رنگ جو ذڪر ڪيو آهي . جيڪو تصوف ۾ لطيفي خفي جي نور جو رنگ آهي . هن جي جاءِ پيشاني آهي . شاهه جي ڪلام ۾ ڪاري رنگ جي استعمال جي لاءِ تنوير عباسي لکيو آهي ته "ڳاڙهي رنگ کان پوءِ ڪارو رنگ شاهه لطيف جو پيو نمبر مرغوب رنگ آهي عام طور ڪارو رنگ ماتم جو رنگ آهي . ۾ سرڪيڏاري کان سواءِ (سو به فقط هڪ بيت ۾) شاهه لطيف ان کي ماتم يا ڏک جي اهڃاڻ طور ڪتب نه آندو . شاهه لطيف ڪاري رنگ کي پوانتي ماحول جي نقشي چٽڻ مهل پس‌منظر ۾ آندو آهي . جيئن خوف ۽ خطري جو تاثر وڌيڪ گهرو ۽ چٽو ٿئي ." ١٧

جيئن تنوير عباسي صاحب جن لکيو آهي ته شاهه دن رنگ کي پوانتي ماحول جي نقش چٽڻ مهل پس منظر ۾ آندو آهي ۽ شاهه جو مقصد به ڪاري رنگ جو اهوئي آهي. جو ته لطيفي خفي جيئن سالڪ لاءِ اها منزل هوندي آهي جتي هو نفس کي فنا ڪري ڇڏيندو آهي ۽ هن جو سينو بلڪل صاف ۽ پاڪ ٿي ويندو آهي ۽ سالڪ جي اڳيان اها منزل هوندي جتان هي پنهنجي روحاني پرواز جي انهي منزل تي پهچڻو هوندو آهي جتي هن کي پنهنجي حقيقي محبوب سان ميلاپ ڪرڻو هوندو آهي ۽ هن جي اها تمنا پوري ٿيڻ واري هوندي آهي جنهن لاءِ هي نفس کي فنا ڪري دنيوي تعلقات

ٿوڙي وجود وڃائي واحد جي وحدت ۾ گم ٿيڻ لاءِ تيار هوندو آهي.
اهڙي منزل تي پهچڻ وقت سالڪ کي پنهنجي نفس جي خطرن کان
به ڊپ هوندو آهي ته متان ڪا خطا ٿئي جنهن ڪري وري محبوب
جي ديدار ۾ دير ٿي پئي طرف انتظار واري ڪيفيت ۽ ميلا جي
خلش هن کي اهڙي دوراهي تي بيهاري ٿي ڇڏي جتي هن کي
خطا جو خوف ۽ ميلاپ جو انتظار پئي هڪ وقت هن جي اندر ۾
هوندا آهن. تنهن ڪري هن کي ميلاپ جي خلش ۽ وڇوڙي جي ڊپ
ڪري خوف ٿيندو آهي. شاهه پنهنجي ڪلام ۾ لطيفي خفي جي نور
جو رنگ به انهي مقصد سان بيان ڪيو آهي ۽ انهيءَ ڪري به
ته نور جي روشني جيئن هن منزل تي پيشاني تي پوي ٿي جيڪا
انساني احساسات جو مرڪز آهي ۽ هتي نور جي انهي روشني
ڪري (ڪاري هئڻ ڪري) سالڪ کي خوف ۽ ڊپ محسوس ٿئي
ٿو. جيئن شاهه صاحب هن بيت ۾ چيو آهي ته:

پرتوو پنهونءَ جو، سهائي ۽ سياه،
منهن ڏيئي سون آئيو، رنگار نگي راه.
پهرين ڏيندا پاه پوءِ رڱيندا رنگ ۾.

(ڪوهياري ٣-١٠)

شاهه صاحب هن بيت ۾ بلڪل صاف چيو آهي ته محبوب
حقيقي کان جيڪا نور جي روشني ٿئي ٿي سا ڪڏهن چانڊوڪي
جهڙي سهائي آهي ڪڏهن ڪاري سياه آهي، ۽ مونکي اهي نور
جون رنگا رنگي روشنيون منهن ۾ اچن ٿيون (يعني مشاهدن ۾ اچن
ٿيون) پر انهن رنگن ۾ مونکي تڏهن رڱيندا (سالڪ) جڏهن پورپائين
تڪليفون ڏيئي ڏک ڏوجهرا ڏئي پچائي پاهه ڏيئي پڪو ڪندا
۽ پوءِ نور جي روشني ۾ مونکي رڱيندا.

هن بيت ۾ شاهه صاحب ظاهر ڪيو آهي ته نور جي روشني رڳو اڇي ۽ ڪاري نه آهي پر ٻين رنگن جي به آهي ۽ نور جي روشني سالڪ تي هڪ رنگ جي نٿي ٿيي پر ڪيترن رنگن جي نور جون روشنيون آهن جيڪي جدا جدا منزلن تي ٿيون ٿيون يا لطيفن جي جدا جدا جاين تي پون ٿيون ۽ جيئن جيئن سالڪ روحاني طور تي پاڪ ۽ صاف ٿيندو ويندو تيئن تيئن نور جيءروشني جا رنگ وڌندا ويندا .

تصوف ۾ قبض ۽ بسط جون ٻه حالتون پڻ هونديون آهن هڪ ۾ سالڪ کي مشاهدا ٿيندا آهن ٻئي حالت ۾ اهي رڪجي ويندا آهن . پهرئين حالت ۾ سالڪ تي نور جي روشني پوندي ۽ هن تي حقيقتون ظاهر ٿينديون آهن ۽ محبوب حقيقي جي ديدار جون راهون ظاهر ٿينديون آهن ۽ ٻئي حالت ۾ سالڪ جا مشاهدا گم ٿي ويندا ۽ نور جي روشني پوڻ ۾ ڪجهه وقت بند ٿي ويندي آهي جنهن ڪري هن کي اونداهي نظر ايندي آهي ۽ انهي وقت سالڪ جي حالت ڇا هوندآهي تنهن جو ذڪر شاهه هن بيت ۾ ڪيو آهي ته :

پرتوو پنهون جو ڪين ڇانئي ڪين اُس ،
قربانئي ڪس آهي ، ڪر پڪرڙي .
(ڪوهياري ۾ - ٩١)

هن بيت ۾ شاهه صاحب چوي ٿو ته محبوب جو پاڇو اٿين اڳيان اچي ٿو جئين اُس ۽ ڇانو يعني سالڪ کي حجاب جي حالت ۾ اونداهي ٿي اونداهي ڏسڻ ۾ اچي ٿي ڪشف جي حالت ۾ سوجهرو ٿي سوجهرو ، انهي حجاب واري حالت کي قبض چيو وڃي ٿو ۽ اهڙي حالت واري وقت سالڪ سان ڪهڙي حالت ٿئي ٿي تنهن جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته اها حالت اهڙي هوندي آهي

جهڙي ہِڪر کي کهڻ وقت پيش اچي ٿي. وڌيڪ واضح هن بيت ۾ شاھ انهي ڪيفيت کي آهي:

پرتوو پنهونءَ جو جهڙ جن جهالا ڏي،
آئون ته آري کي، ونهؤ راه رڻان گهڻون:

(ڪوهياري ٣-١١)

هن بيت ۾ شاھ تمام خوبصورت انداز ۾ انهي ڪيفيت کي پيش ڪيو آهي ته محبوب جو پاڇو ائين نظر اچي ٿو جيئن جهڙ مان سج جهاتيون پائيندو آهي ڪڏهن سج جي روشني ڪڪرن مان نڪريو اڳيان روشني آئي ٿي ڪڏهن اها روشني ڪڪرن ۾ لڪيو جهاتيون پائي ٿي، ۽ آءَ انهي راه لاءِ وڃو نهاريان ۽ انتظار ڪريو ونيو روئان، ته وري ڪڏهن اها روشني ٿيندي ۽ وري ۽ محبوب حقيقي کان انهي انتظار جي شڪايت نه ڪندي انهي انتظار کي راحت ٿو سمجهي ۽ انهي کي مٺي محبت ٿو چوي ۽ جڏهن سالڪ جي صحت لاءِ بهتر ٿو چوي:

پرتوو پنهوءَ جو، رکيائي راحت،
پايان ڏيه پوارڻون، ساجن لاءِ صحت،
مٺي مصيبت، آهي آري ڄام جي.

(ڪوهياري- ٣-١٢.)

لطيفي سري ۽ لطيفي خفي جي حالتن جو بيان ڪندي شاھ صاحب هن بيت ۾ چوي ٿو ته:

اچارا، عميق جا ڳڏئا غواصن،
جهريون جهاڳي آنها ڪارونيار ڪنن،
سمنڊ سوجهي جن آئي اصل اولئا.

(سريراڳ ٢-١٠.)

هن بيت ۾ شاهه صاحب چٽي طرح بيان ڪيو آهي ته لطيفي سري جي نور جي روشني پوڻ ڪري سالڪ کي جهڪي مشاهدا ٿين ٿا اهي تمام ڳوڙهي معنيٰ رکندڙ، گهري سوچ، بيمثال اهميت وارا هوندا آهن ۽ انهي کان پوءِ ترقي ڪري سالڪ تي جڏهن لطيفي خفي جي نور جي روشني پوي ٿي تڏهن جيڪي هن کي تڪليفون، الجهنون، مشڪلاتون، خوف ۽ خطرا نظر اچن ٿا تن کي جڏهن هي ڪاميابي سان پار ڪري ٿو تڏهن سالڪ محبوب حقيقي جو مشاهدو ڪري ٿو ۽ اهي اصل ماڻڪ هٿ ڪري ٿو جن جو ڪوبه ملهه نه آهي. سالڪ لاءِ لطيفي خفي واري منزل يا حالت اها منزل هوندي آهي جيڪا جيڪڏهن ڪاميابي سان مڪمل ڪري ٿو ته پوءِ هن جي اها مراد پوري ٿئي ٿي جيڪا هن جو مقصد هوندي آهي. مٿين بيت ۾ شاهه سالڪ جي جن منزلن يا حالتن جو ذڪر ڪيو آهي سي لطيفي سري ۽ لطيفي خفي ۾ سالڪ کي پيش اچن ٿيون ۽ انهي کان پوءِ جيڪا ڪاميابي هن کي نصيب ٿئي ٿي تنهنجو به ذڪر ڪيو آهي ۽ انهي منزل تي جيڪي خطرا پيش اچن ٿا تن کان شاهه صاحب چڱي طرح واقف آهي ۽ سالڪ کي نصيحت ٿو ڪري ته خفي جي نور جي روشني وقت توکي ڇا ڪرڻو آهي تنهن جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

لهرن ليکو ناهه ڪوجت ڪپر ڪن ڪارا،
اڇارا عميق جا اچن اوڀارا،
اتي اسارا وير وڙهنده ويسرا.

(سريراڳ- ٥-٢)

هن بيت ۾ شاهه صاحب چوي ٿو ته اي سالڪ هاڻ تون انهي منزل تي آهين جتي لطيفي سري واري نور جي روشني تو تي پوي

ٻئي جٽي توکي خوف خطري جو ڊپ وڌي ويو آهي ، ۽ لطيفي سري وارا مشاهدا ۽ تو لاءِ گهري مقصد رکندڙ اڳيان آهن، يعني هڪ طرف اهي مشاهدا آهن جن تنهنجي اندر ۾ محبوب حقيقي جي محبت کي اڀاريو آهي ٻئي طرف اهي خطرا آهن جيڪي تو ۾ خوف ۽ ڊپ پيدا ڪري رهيا آهن تنهن ڪري توکي غافل ۽ ڪاهل ٿي ويهي ناهي رهڻو ڇو ته، تنهنجي منزل تنهنجي اڳيان آهي. تون پنهنجي منزل حاصل ڪرڻ لاءِ تيار ٿي. مٿين ٻنهي بيتن ۾ شاهه لطيفي سري ۽ لطيفي خفي ٻنهي جي انهن ڪيفيتن کي بيان ڪيو آهي جيڪي سالڪ کي يا ته غافل بنائي ڪيرائين يا ڪيس ڪامياب بنائي سندس مقصد کي پورو ڪرائين.

ٿورن لفظن ۾ ائين چئجي ته شاهه صاحب هنن بيتن ۾ سالڪ کي سري، خفي جي ٻنهي حالتن کان واقف ڪندي چوي ٿو ته هڪ طرف تو تي سري جي نور جي روشني ٿي پئي جيڪا توکي محبوب حقيقي جي ديدار لاءِ مشاهدا ڪرائي ٿي ۽ ٻئي طرف توکي سري جي خوف ۽ پوڻ واري ڪيفيت آهي. جنهن کان پوءِ جڏهن سالڪ سالم رهي ٿو ته، هن کي دائمي سڪون ۽ محبوب جو ديدار ٿئي ٿو. تصوف جي لحاظ کان هنن بيتن ۾ هڪ طرف لطيفي سري جي نور جي روشني ۽ خفي جي نور جي روشني جيڪا اڇي ۽ ڪاري رنگ جي هوندي آهي بيان ڪئي آهي ته، ٻئي طرف قبض ۽ بسط جي ڪيفيت کي ظاهر ڪيو آهي.

سالڪ جڏهن لطيفي سري واري نور کي حاصل ڪري ۽ انهي ڪيفيت مان ڪاميابي سان نڪري ٿو ته، سندس آخري منزل اچي ٿي. تڏهن لطيفي اخفيٰ جي نور جي روشني هن تي ٿي ٿي جيڪا هن تي سندس محنت ۽ محبت جي ملڻ ۾ ٿي ٿي.

آخر ۾ لطيفي "اخفيٰ" جي نور جي روشني جو رنگ سائو آهي جيڪو مٿي ڪپراٽي تي ٿيو ٿو ۽ عام طور تي سائو رنگ آبادي شادابي يا سائو هئڻ يا سائو ٿيڻ وارن محاورن ۾ ڪم آندو وڃي ٿو. تصوف ۾ هن لطيفي "اخفيٰ" کي سالڪ جو مڪمل ٿيڻ تصور ڪيو وڃي ٿو ۽ سالڪ کي روحاني سفر جي آخرين منزل حاصل ٿئي ٿي. ٻين لفظن ۾ هن منزل کان پوءِ يا هن نور جي روشني کان پوءِ سالڪ " فنافي الله " کان پوءِ " بقابا الله " ٿيو وڃي ۽ هن کي ڪوبہ خطرو ۽ خوف نٿو رهي. هي پاڻ کي هر طرف کان ۽ هر طرح سان مڪمل سمجهي ٿو. شاهہ چوي ٿو:

ڪه سي اگڻ آئيا، تہ سرو ڪندا سبز
سائي ٿيندي اج، هي پيتو هو آڻ کي
(ايمن ڪلياڻ ٣-٢١)

مٿين بيت مان بہ سائو ٿيڻ اُڃ لهڻ ٻين لفظن ۾ اڃ لڳڻ کان پوءِ پاڻي پيئڻ سان نڙي سائي ڪرڻ مان بہ اهوئي ساڳيو مطلب نڪري ٿو يعني سالڪ جي محبوب حقيقي جي ديدار لاءِ محبت جي خواهش جي تڪميل تائين پهچڻ يا الله سان محبت جي طلب پوري ٿيڻ يا خواهش حاصل ٿيڻ، جيڪا ڪنهن خوشي جو پورائو ڪري يا ڪنهن جو سڪيو ٿيڻ يا سائو ستابو ٿيڻ بہ ساڳي معنيٰ رکي ٿو. تهڻ سائو ٿيڻ مڪمل ٿيڻ پنهنجي پوري خوبصورتي حاصل ڪرڻ آهي. هن بيت ۾ شاهہ صاحب جو اهوئي مطلب آهي تہ سالڪ جي اها محبت جي اُڃ يا خلش جيڪا بنا ڪنهن پاڻي پيڻ جي پوري ٿيو وڃي يا انهن چنجي تہ پاڻي پيڻ سان جسم جي اُڃ ختم ٿئي ٿي پر روحاني اج جيڪا سالڪ کي محبوب حقيقي جي ديدار لاءِ هوندي آهي، اها لطيفي اخفيٰ جي نور جي سائي روشني پوڻ سان پوري

ٿئي ٿي. ٿورن لفظن ۾ ائين چئجي ته هن بيت ۾ شاهه صاحب سالڪ جي مڪمل ٿيڻ جو ذڪر ڪيو آهي جيڪو روحاني سڀ منزلون طي ڪري چڪو آهي. جيئن شاهه چوي ٿو اڄ جيڪي اڱڻ تي آيا آهن آهي سڀ شراب پي ختم ڪري مدهوش ٿي ويندا ۽ پوءِ انهن جي محبت جي اڄ ختم ٿي ويندي. اها اڄ پين جي پيڻ سان ختم ٿئي ٿي سالڪن جي بنا پين جي ختم ٿيو وڃي.

هن بيت ۾ ساڳي حقيقت کي وري هن ريت پيش ڪيو اٿس:

جان عاشق مد ٿي رت، تان دعويٰ ڪري ۾ نينهن جي،
سائو منهن سونهن ڪِٿي، سڪڻ اي شرط،
نه ڪين ڪوڙ ڪرت، متا سر سودا ڪري.
(ايمن ڪلياڻ ٤-٦)

هن بيت ۾ شاهه "لطيفي اخفيا" جو ذڪر ڪيو آهي.
شاهه چوي ٿو ته جيسين تنهنجو ڳاڙهو رنگ آهي يعني لطيفي روحي جي نور جي ڳاڙهي روشني توتي هوي پيئي تيسين تون محبت ڪرڻ جي دعويٰ نه ڪر. پين لفظن ۾ تيسين تون مڪمل نه آهن يا معرفت جي آخرين منزل تي نه پهتو آهين ۾ مڪمل تڏهن ٿيندين يا معرفت جي آخرين منزل توکي تڏهن حاصل ٿيندي جڏهن تنهن جي دنوي سونهن ختم ٿيندي توتي سائي نور جي روشني ٿيندي ۾ انهي لاءِ شرط هي آهي ته تون پاڻ ۾ ديدار جي سڪ پيدا ڪر، تو ڪابه ڪمائي نه ڪئي آهي ۽ پوءِ تون الله جي محبت جو دم پيو ٿو ڀرين، يا الله جي ديدار جي طلب پيو ٿو ڪرين:

تنوير عباسي به شاهه جي مٿين بيت بابت لکيو آهي ته جي

منهن ۾ رت اٿئي ته عشق جي دعويٰ نه ڪر، جڏهن سائو منهن ٿي وڃي رت ختم ٿي وڃي تڏهن سچو عاشق سڏاءِ“! ١٨

انهي مان ۾ ساڳيو مطلب نڪري ٿو ته سالڪ تيسين مڪمل نٿو ٿئي جيسين ڪه نور جي ڳاڙهي روشني ڪان پوءِ نور جي سائي روشني نٿي پوي ۽ جيسين نور جي سائي روشني نٿي پوي سالڪ جو منهن سائو نٿو ٿئي تيسين مڪمل نٿو ٿئي. ۽ سالڪ تي جڏهن نور جي روشني ٿئي ٿي ۽ جڏهن هي سڀ منزلون طي ڪري آخرين منزل مائي ٿو ۽ محبوب حقيقي جو ديدار هن ڪي ٿئي ٿو تڏهن سالڪ جي سونهن سوڀيا ڪيتري هوندي آهي تنهن جو نقش هن ريت پيش ڪيو اٿس:

جهڙا پاڻن پن تهڙيون شالون مٿن سائيون،
عطر ۽ عنبير سين، تازا ڪيائون تن،
مڙهئا گهڻو مشڪ سين، چوتا ساڻ چندن،
سنهن رهي سون سين، سندا ڪامڻ ڪن،
ڪيائين لال لطيف چئي، وڏا ويس ورن،
منجهه مرڪش من، سوڏي سين سگ ٿئو.

(مومل راڻو ٣، ٢)

مٿين بيت ۾ شاهه انهي سالڪ جو ذڪر ڪيو آهي جيڪو معرفت جي آخرين منزل حاصل ڪري چڪو آهي يعني مڪمل ٿي چڪو آهي. هن تي سائي نور جي روشني پيئي پوي منجهائس عطر عنبير جي خوشبو پئي اچي، سندس بدن ڪي چندن ۽ مشڪ سان مڙهيو ويو آهي ۽ سندن جسم تي سهڻا ويس پيا آهن؛ جاڪاڻ ته سندس ملاقات پنهنجي محبوب حقيقي سان ٿي چڪي آهي ۽ سندس

قلب خوشي کان مرکي پيو. ٻين لفظن ۾ سالڪ جڏهن فنا في الله کان پوءِ بقا بالله تي اچي ٿو تڏهن انهي سالڪ جي جيڪا سونهن هوندي ۽ جيڪا ۽ سندس اندر جي ڪيفيت هوندي انهي کي پيش ڪيو آهي.

هيٺين بيت ۾ اهڙي سالڪ جي تصوير ڪشي ڪئي اٿس جيڪو دلبر جي درلب ديدار ڪري چڪو آهي. هي مڪمل تي بقا بالله تي واپس ٿيو آهي:

ڪال ڪڏنو سون ڪاپڙي بابوبان بري،
سائي شال ڪلهن تي سامي سون سري،
خبر ڏي ڪري مومل جي مجاز جي.

(مومل راڻو ١ - ٣)

هن بيت ۾ شاهه صاحب لطيفن جي ٽن رنگن جو ذڪر ڪيو آهي پهريون لطيفي نفسي جو رنگ ڪسيف يعني مٽي جهڙو رنگ. جيئن پهرئين آهي ته:

"ڪال ڪڏ نو سون ڪاپڙي بابو بان بري"

يعني اهڙو ڪاپڙي جيڪو مٽي ۾ پيوت هو يعني هي پنهنجي نفس کي فنا ڪري چڪو هو هن تي لطيفي نفسي ڪري نور جي ڪسيف رنگ جي روشني آهي. وري ٻوي ٿو:

"سائي شال ڪلهن تي، سامي سون سري"

يعني سندس سيني تي ڪاڙهي يعني لطيفي روحي جي نور جي روشني سيني کان مٿي سائي رنگ جي نور جي روشني پوي پيئي ۽ هي محبوب حقيقي جو ديدار ڪري واپس ٿيو آهي، هن کان محبوب حقيقي جي مجاز جي خبر وٺو؟ ٿورن لفظن ۾ ائين چئجي ته هڪ اهڙي سالڪ جو ذڪر ٿو ڪري جنهن جي نفس تي ڪسيف رنگ

واري نور جي روشني، ۽ روح تي ڳاڙهي (سون جهڙي) رنگ جي نور جي روشني مٿي ۽ ڪلهن تي سائي رنگ جي نور جي روشني پوي پئي. جيئن ته هن تي سڀني نور جي رنگن جون روشنيون پيون تنهنڪري هي مڪمل ٿي چڪو آهي هن کي الله جو ديدار ٿي چڪو تنهن ڪري انهي ڪان ئي انهي راز جي خبر وئي.

سالڪ جڏهن لطيفن جي نور جي روشني يعني لطيفن جي نور جي رنگن جي روشني ڪان مٿي ترقي ڪري ٿو تڏهن هي ڇا ٿو پسي تنهن لاءِ شاهه چيو آهي ته:

چنڊ تنهنجي ذات ڀاڙيان نه پرين سان
تون اڇو هر رات، سڄڻ نت سوجهرا. (ڪليات ٨-١٣)

ٻر اجا انهي جي وڌيڪ وضاحت ڪندي شاهه چوي ٿو ته

ڪاري رات، اڇو ڏينهن اي صفتا نور،
جتي پرين حضور تتي رنگ نه روپ ڪو.
(ڪاهوڙي ٣ - ١٢)

پهرئين بيت ۾ شاهه چوي ٿو ته محبوب حقيقي نت سوجهرو آهي ۽ ٻئي بيت ۾ چوي ٿو ته جتي پرين حضور آهي اتي ڪوبه رنگ روپ نه آهي.

شاهه جي ڪلام ۾ جيڪي به رنگن جا نالا ڏنل آهن اهي ڪل ڇهه رنگ آهن ڳاڙهو، پيلو، (زرد) ميرانجهڙو (ڪسيف) اڇو، ڪارو، ۽ سائو. اهي رنگ ڇهن لطيفن جا آهن ميرانجهڙو لطيفي نفسي جي نور جي جو رنگ، پيلو لطيفي قلب جي نور جو رنگ، ڳاڙهو لطيفي روحي جو رنگ ۽ ڪارو لطيفي، خفي جي نور جو رنگ ۽ سائو لطيفي 'اخفي' جي نور جو رنگ. اهي نور جي روشني جا رنگ لطيفن تي تڏهن پون ٿا جڏهن ذڪر ۽ مجاهدي سان اهي لطيفا

بيدار ٿين ٿا . جيئن ته لطيفا به ڇهه آهن ۽ انهن جي نور جا رنگ به ڇهه آهن، تنهنڪري شاهه اهي ڇهه رنگ سالڪ جي حالتن جي لحاظ کان بيان ڪيا آهن جن جو ذڪر مٿي بيتن جي مدد سان ڪري آيا آهيون .

هر ڪن هنڌن تي انهن رنگن جو مفهوم تصوف جي لحاظ کان نه هر عام چوڻين ۽ محاورن ۽ اصطلاحن ۾ آيل رنگن جي نالن جي ڪري به ڪم آيل آهي. ڪٿي اهي ڪنهن ثقافت، رسمن لاءِ ڪم ايندڙ ڪنهن ڪپڙي يا شيءِ جي نالن جي ڪري رنگن جا نالا ڏنا ويا آهن ۽ ڪٿي ڪنهن شي جي مناسبت سان، ڪٿي رنگ کي واضح ڪرڻ يا تشبيه طور استعمال ٿيل آهي ، ته ڪٿي ڪنهن جانور، پکي ، جيت وغيره سان واسطو رکڻ ڪري رنگن جا نالا ڪم آيل آهن . ڪٿي رنگن کي ڪنهن منظر کي خوبصورت بنائڻ ، ڪٿي اهڃاڻي طور تي ، ڪٿي ڪنهن منظر يا شيءِ جي تصور کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪٿي رنگن جي تضاد جي ڪري رنگن جا نالا ڏنا آهن . هر خاص ڪري لطيفن جي رنگن کي سالڪ جي حالتن جي لحاظ کان رنگن جي نالن کي پيش ڪيو آهي . لطيفن جي نور جي روشني جو ذڪر ڪندي مولانا رومي جي راءِ ڏيڻ به ضروري آهي .

مولانا رومي لطيفن جي نور جي رنگن جي روشني بابت پنهنجي مثنوي ۾ لکي ٿو ته : ۱۹

نيست ديد رنگ بے نور برو

(رنگ جو ڏسڻ ٻاهرين روشني کان سواءِ نٿو ٿئي)

هم چنين رنگ خيال اندرون ،

(اهو ئي حال اندروني خيال جي رنگ جو آهي)

اين برون از آفتاب و از سماست

(هي ٻاهر جي روشني سج جي روشني کان آهي)

وان درون از عکس انوار علامت ،

(هوءَ باطني روشني عالم ٻالا جو عڪس آهي)

نور نور چشم خود نور دل ست ،

(خود بينائي جو نور دل جو نور آهي)

نور چشم از نور دلها حاصل ست

(بينائي جو نور دلين جي نور مان حاصل ٿئي ٿو)

باز نور نور دل خداست

(وري دل جي بصيرت جو نور خدا جو نور آهي ،)

کوز نور عقل و حس پاک و جدا ست

(جو عقل ۽ حس جي نور کان پاڪ ۽ جدا آهي)

حوالا

١ - خواجه شاه محمد عبدالصمد صاحب چشتي - لاهور - ص ١٢٣

٢ - تنوير عباسي "نرتي تند نياز سين شاه لطيف جي شاعريءَ ۾ رنگن جو اڀياس" سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي - فيبروري ١٩٨٨ع ص ٢٧

٣ - شاه سيد محمد ذوقي ، "سر دلبران" محفل ذوقيه ڪراچي . ١٤٠٥ھ ص ٢٩٩

٤ - علي نواز حاجن خان جتوئي ، ابتدائي سلوڪ ، حيدرآباد ، ١٤٠٧ھ ص ٨

٥ - ايضاً ص

٦ - ايضاً

٧ - ايضاً

٨ - شاهه سيد محمد ذوقي ص ٢٩٨، ٢٩٩
٩ - مرتب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، حمل فقير لغاري، ڪلمات حمل .
سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي ، ١٩٥٧ ، ص ٩٣
١٠ - ايضاً ص ٩٦ ۽ ٩٣
١١ - ايضاً ص ٩٣
١٢ - تنوير عباسي ، نرتي ننڊ نياز سين . ص ٢٣
١٣ - ايضاً ص ١٧
١٤ - ايضاً ص ١٤
١٥ - ايضاً ص ١٥
١٦ - ايضاً ص ٢٤
١٧ - ايضاً ص ٢٦
١٨ - ايضاً ص ٢٦
١٩ - مثنوي مولانا رومي .